تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

شمارو :- ٢
جلد :- ۴

# سنڌي ٻولي

اپريل- مئي- جون، ١٩٩۴ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد - سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

شمارو :- ۲
جلد :- ۳

# سنڌي ٻولي

اپريل- مئي- جون، ۱۹۹۴ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد - سنڌ

# سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلا اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ "آءٌ ڪنڌيارو مان پيو اچان"، يا "آءٌ مورو مان پيو اچان." شهر جو نالو ڪنڌيارو يا مورو ٺي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي "آءٌ ڪنڌياري يا، آءٌ موري مان پيو اچان" چئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا "ڪلڪتي جا رها هون"کي "ڪلڪتہ جا رها هون" لکي رهيا آهن، پر اهو بہ غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لئي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ "جوٺيجي" کي "جوٺيجہ" لکڻ، "پُٽي" کي "پٽہ" لکڻ ۽ "ذريعي" کي "ذريعہ" لکڻ بہ غلط آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

مهراڻ (٣) ١٩٧١ – سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# "سنڌو تهذيب" جي "سنڌو لکت" جي پاڄ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي طور جاچ جيتوڻيڪ نتيجي خيز آهي تہ بہ اها وڏ ۾ وڏ گذريل ٻارهن تيرهن سون سالن واري عرصي جي ڪن ڳالهين ۽ اهڃاڻن تائين محدود آهي. ان کان اڳيون دور، سنڌ جو قديم تاريخي دور آهي جيڪو چوٿين صدي عيسوي کان وٺي ٻارهين صدي قبل مسيح تائين متعين ڪري سگهي ٿو. اهو دور ٻڌ ڌرم جي حاڪمن، ايراني حڪمرانن، يوناني يلغارن، ۽ وچ ايشيائي يُوچن، هياطلن ۽ سٿين جي غلبي وارو دور آهي، اڃان ان کان بہ اڳين دور ۾ دراوڙي، آريائي ۽ اڻ آريائي قبيلن بابت گمان اٿن ٿا، انهن قديم تاريخي دورن ۾ "سنڌ- جي- ٻولي" يا "سنڌ جي ٻولين" بابت ڪنهن گماني راءِ قائم ڪرڻ لاءِ بہ وڏي علمي جاچ جي ضرورت آهي جنهن جو دائرو ڪم از ڪم سنسڪرت توڙي قديم ترڪي، داردي ۽ ايراني ٻولين تائين وسيع هجي.

قديم تاريخي دور کان اڳتي، اندازاً ڇهہ سو سال قبل مسيح کان وٺي ١٨ سو سال قبل مسيح تائين، هڪ هزار سالن کان مٿي وارو "تاريخي خال" آهي، جنهن کي پرڻ مشڪل آهي. البت آن کان اڃان بہ اڳ وارو دور "سنڌو تهذيب" (Indus Civilization) وارو دور آهي، جنهن جو عرصو موجوده جاچ موجب ٢٥ سو سال قبل مسيح کان ١٨ سو سال قبل مسيح تائين ڪٿيو ويو آهي، پر غالباً اهو اڃان بہ وڌيڪ وڏو دور هو جيڪو "تاريخي خال" واري سمي تائين هلندو آيو. "سنڌو تهذيب" واري دور ۾ "سنڌو لکت" (Indus Scripts) واري ٻولي رائج هئي جنهن جا چار هزار کن ڪتبا (Inscription Texts) هن وقت تائين پاڪستان، هندوستان ۽ ٻين لاڳو ملڪن جي ڪن ڀاڱن جي کوٽائي مان هٿ آيا آهن،جن کي گذريل پنجاهہ سٺ سالن کان وٺي سمجهڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هن وقت خاص طرح فنلنڊ، ڀارت ۽ روس جا محقق "سنڌو لکت" کي پڙهڻ يعني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت تائين ڪافي ڪم ٿيو آهي، پر اهو جڻ اوائلي مطالعي جي حيثيت رکي ٿو. يعني تہ هن وقت تائين سنڌو لکت جي سڄي ذخيري جو جملي جوڙ لڳائڻ، اصل تعويذي لکتن کي صحيح طور تي تحريري صورت ۾ نقل ڪرڻ، لکت وارين مهرن۽تعويذن کي هڪجهڙائي جي لحاظ سان ورڇڻ، تعويذي لکتن جي ڪم از ڪم چار سؤ اوڻيهن ترڪيبي جزن ۾ نشانين (Signs) کي نکيڙي نروار ڪرڻ ۽ صورت ۽ سٽاءِ جي لحاظ سان انهن کي ورڇڻ، ترڪيبي جزن کي هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ ۽ هر جزي کي ڳاڻيٽي ۾ سڃاڻپ جا نمبر ڏيڻ، هر هڪ مهر ۽ تعويذ ۾ سمايل لکتي توڙي صورتي جزن ڀاڱن کي (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ۽ وڌ ۾ وڌ ايڪيهہ آهن) شمار ڪرڻ، ۽ جملي مهرن ۽ تعويذن ۾ سمايل اٿين، جزن ۽ ڀاڱن ۽ صورتن مان هر هڪ جي هڪ شماري عدد ذريعي سڃاڻپ مقرر ڪرڻ واري تحقيقي ڪشالي جي تڪميل بعد، هاڻي ڪمپيوٽر ذريعي "سنڌو لکت" جي وڌيڪ تفصيلي تحليل ۽ تجزيي لاءِ ميدان تيار ٿي چڪو آهي.

انهيءَ جي باوجود "سنڌو تهذيب" واري ٻولي کي پروڙڻ واري منزل اڃان پري آهي. "سنڌو لکت" جو موجوده طريقي وارو مطالعو، ان "لکت ۾ سمايل ٻولي" کي سمجهڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ ويهن واٽن مان هڪ واٽ آهي. حقيقت ۾ ڪابہ "غير معلوم لکت" بذات خود ڪنهن "غير معلوم ٻولي" تائين پهچائي نٿي سگهي. مصر

ڪان پوءِ هن پنهنجي سڄائپ جا ڪي پارپتا پنيان ڪونہ ڇڏيا، مگر ان جي پيڙهہ وارو پڪو ۽ بنيادي دراوڙي اثر هر باقيات جي ناتي سان ڏاڍو چٽو بيٺو آهي. جيستائين اسان جي ٻوليءَ جي ڄاڻ جو تعلق آهي ۽ هندستان جي قديم سماجي تاريخ جو واسطو آهي تہ مٿيان ٻئي نظريا مناسب ڪونہ ٿا لڳن. انهن امڪانن تي بہ بحث ڪيو ويو آهي تہ هيءَ ٻولي دراوڙي زبان سان علامتي طور ساڳيائپ رکي ٿي، پر هوبهو ان جهڙي ڪانہ آهي. هيءَ اهڙي حقيقت آهي جنهن ڪان لنوائي ڪونہ ٿو سگهجي. نيون ڳالهيون ۽ نتيجا جيڪي اسان جي سامهون آيا آهن، جن جو مٿي نچوڙ پيش بہ ڪيو ويو آهي، تن هن خيال کي فڪري ۽ علمي بنائي ڇڏيو آهي. مليل شاهدين تي بہ جيڪڏهن ويچاريو تہ اها ڏند ڪٿا تہ هن سپيتا جا اصل سرجڻهار دراوڙ آهن تہ هيءَ صحيح ڪوجنا لاءِ جڻ سچي گس ڏانهن هڪ مناسب اشارو معلوم ٿيندو. اصلي حقيقت ڇا آهي؟ تنهن جو پرو اسان کي فقط تڏهن پئجي سگهندو، جڏهن اسان سنڌوءَ جي لکت پڙهڻ ۾ پوريءَ ريت سوڀارا ٿينداسون.

**طريقو:**

بہ سال اڳ جڏهن مان سنڌ جي لکت تي ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي، تہ مون پاڻ کي دراوڙي ٻوليءَ سان مشابهت رکندڙ ٻين ٻولين جهڙوڪ پراڻي تامل ٻوليءَ جي ادب ۽ لکت، ان جي علم نحو ۽ دراوڙي نالن جي علامتي شڪلين تائين محدود رکيو هو. مان اڄا تائين بہ هن نظريي جو قائل آهيان تہ جيڪڏهن اسان جو خيال آهي تہ سنڌو سپيتا جا سرجڻهار دراوڙ آهن، تہ اهو ضروري آهي تہ اسان دراوڙي ٻوليءَ سان مشابهت رکندڙ ٻين ٻولين کي ووڙيون ولوڙيون. سو اهڙي ڪوجنا ڪندي جيڪي ڳالهيون منهنجي سامهون آيون، تن کي مون پنهنجي مقالي ۾ پيش ڪيو، جنهن جو عنوان هو ”اصلي هندستاني لکت ۾ دراوڙيءَ سان مشابهت رکندڙ لفظ“ مذڪوره مقالو پهرين اپريل ١٩٧٠ع ۾، هڪ رسالي ”تامل اسٽيڊيز II ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ خاص ٻن ڳالهين جي چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي هئي. پهرين ڳالهہ تہ هن نڪتي تي وڌيڪ زور ڏنو ويو هو تہ هن سپيتا ۽ ڏکڻ هندستان جي قديم دراوڙي ثقافت جي وچ ۾ موجود زمان ۽ مڪان جي وڏي وٿيءَ کي پرڻ گهرجي. ٻيو اهم نڪتو اهو بيان ڪيو ويو هو تہ ان ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ معنيٰ ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻ گهرجي. مان انهن ٻنهي ڳالهين جي ڪوجنا ۾ رڌل هوس، تہ هڪ ٻي ڳالهہ منهنجي ڌيان ۾ آئي. سا اها هئي تہ ڇو نہ هند- آريائي ۽ دراوڙي زبانن ۾ مشابهت رکندڙ لفظن جو مطالعو ڪيو وڃي. علمي نقطئہ نظر کان مون کي مناسب ايئن لڳو تہ مان هن مسئلي کي تاريخ جي پس منظر جي ناتي سان اڳتي وڌايان، جنهن جو ذڪر مون هن مقالي جي منڍ ۾ ڪيو آهي.

ٻنهي زبانن ۾ مشابهت رکندڙ لفظن جي مطالعي جو طريقئہ ڪار ٽن اهم ۽ بنيادي قياسن تي قائم ڪيو اٿم.

(١) سنڌ سپيتا جي مُهرن جو عام مطالعو: جن ۾ مُهرن جي مالڪن جا نالا لکيل آهن. امڪان آهي تہ ڏگهين لکتن ۾ انهن ماڻهن جا لقب ۽ خطاب وغيره بہ درج ٿيل هوندا. منجهن ڌنڌي، شهرن جي نالن سان گڏ ٻي معلومات ضرور درج ٿيل هوندي. اهو بہ امڪان آهي تہ جيئن هيءَ سماج وسيع ايراضيءَ تي پکڙجي ويو هو، ان ڪري جيڪي مکيہ ۽ اهم نالا هئا، سي هند- آريائي ٻولين ۾ منتقل ٿي ويا هوندا، ڇاڪاڻ تہ اهڙن نالن واريون مهرون تمام گهٽيون نظر اچن ٿيون. هند- آريائي ٻولين ۾ اهڙا لفظ اڌارا ورتل Loan words آهن انهن لفظن جو مفهوم ۽ معنيٰ بہ اڌاري ورتي وئي هئي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ انهن لفظن جو مفهوم بہ ٻہ سرو Hy brid هو.

(٢) اهو بہ امڪان آهي تہ هن سپيتا جي خاتمي کان پوءِ

هي لفظ نالي طور تعظيم جي نقطئه نگاه کان ڪتب آندا ويندا آهن. ٻوليءَ سان لاڳاپيل شاهدين جي آڌار تي ۽ تصويري تحرير جي نقطئه نظر کان اسان رڳو ايترو چئي سگهون ٿا تہ سنڌ سڀيتا ۾ بار کڻڻ واري جي هن نشانيءَ جو مطلب پنڊت – راجا King priest آهي ۽ پوئين دور ۾ بہ هن نشانيءَ جو مفهوم اهو ساڳيو رهيو آهي.

هن ننڍي کنڊ ۾ هڪ اها روايت بہ موجود آهي تہ لقب ۽ خطاب پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن ۽ پوءِ اهي رڳو نالا بڻجي ويندا آهن، جيڪڏهن پراڻي زماني ۾ بار کڻڻ واري جي علامتي نشانيءَ سان بہ اها ڪار ٿي آهي تہ پوءِ ان کي ان قديم دور جي پنڊت – راجائن ڏانهن بہ ڌيان ڌرڻ کپي. اهڙي قسم جي دليل بازي سان سڌو سئون قديم دور جي هندستان جي "بار کڻڻ" واري گهراڻي وٽ وڃي پهچبو، جنهن کي ڀارتا Bhartas چيو ويندو هو ۽ ان لفظ جي حقيقي معنيٰ بہ بار کڻڻ وارو Bearer آهي. جيئنءَ تہ ڀارتا پنڊت – راجا هئا ۽ ويدن واري دور ۾ سنڌوءَ واري علائقي ۾ رهندا هئا، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ گهراڻو سنڌ سڀيتا جي پنڊت – راجائن King-pries جي خاندان جي ڦريءَ سان هجي.

Bearer واري خاندان سان آهي. واهنا جي معنيٰ آهي بار کڻڻ bearing يا کڻي هلڻ Carrying آهي. لفظن جو ثانوي حصو وهانا ڪاٿي بہ اڪيلو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي، مون کي تہ اهو بہ گمان ٿئي ٿو تہ هنن لفظن جي اڳياڙين ساتا Sata يا سالي Sali جو سنڌ سڀيتا جي بڻ بنياد سان تعلق هجي تہ ڪئت ناهي. گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ ايئن آيو آهي تہ سنڌ لکت ۾ بار کڻڻ واري جي تصويري تحرير جي پرسان ٿانو ۽ تير جي انيءَ جي نشانين مان هڪ ضرور هوندي آهي. مون کي شڪ هن ڳالهہ جو ٿئي ٿو تہ اهي ٻئي نشانيون جيڪي بار کڻڻ واري تصويري تحرير پرسان آهن سي واهنا نالي جي اڳياڙي واري حصي جي حيثيت تہ نہ ٿيون رکن! جڏهن اهڙي تحقيق ڪيم تہ اچرج جهڙي هڪ جهڙائي معلوم ٿي، جنهن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو:

| مطلب | هند – آران هڪ جهڙا لفظ | تصويري ٻيهڪ | نشاني |
|---|---|---|---|
| ٻَل چاڙهڻ جو هڪ ٿانو | ساتا | ٿانو |  |
| پٿر جي لٺ يا نيزو | ساليا | تير جي انيءَ |  |
| بار کڻڻ يا کڻي هلڻ | واهنا | بار کڻڻ وارو |  |
| ٿانو کڻڻ وارو | ساتا واهنا | ٿانو کڻڻ وارو |  |
| آنڌر گهراڻي جو خاص نالو | ساليا يا وانا يا سالي راهنا | نيزي + کڻڻ وارو |  |

بار کڻڻ واري طرز سان لاڳاپيل شاهي نالن تي کوجنا ڪندي وڃي آنڌرا گهراڻي وٽ پهتس، جنهنجي نسل جا راجا پاڻ کي ساتا واهنا Sata Vahana يا سالي واهنا Sali Vahana سڏائيندا هئا. مٿين لفظن جي پڇاڙي "واهنا" مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌن لاڳاپو بار کڻڻ

چا اهو فقط لفظن جي مطابقت ۽ موافقت ڪري ٿيو آهي يا اهو ان ڪري ٿيو آهي جو سنڌو لکت جي ٽن تصويري تحريري اکرن جي ٻيهڪ سنسڪرت جي ٽن اکرن جهڙي آهي؟ چا اهو محض اتفاق آهي جو ٻنهي لکتن جا بہ مرڪب اکر ساڳي شڪل صورت وارا آهن؟ اسان کي هن صورتحال

## ٻاڳو پيو

### اصولي سجهاڻي (حرفن جا جزا سيکارڻ)

### "اعرابون سيکارڻ"

| نشاني | اعراب ڏيڻ جي جاءِ | اعراب جو نالو |
|---|---|---|
| ـَ | اکر مٿان | زَبرَ |
| ـِ | اکر هيٺان | زيرِ |
| ـُ | اکر مٿان | پيشُ |
| ـٓ | اکر مٿان | مَدَ |
| ـْ | اکر مٿان | جَزمْ |
| ـّ | اکر مٿان | شَد يا تشديد. |

هي جو لکيو ويو آهي، سو سڀ ڪجهہ استادن لاءِ آهي، ڪلاس کي فقط عملي ڪم ڪرائڻ ۽ اعرابن جا نالا ٻڌائڻا آهن.

### هدايتون

ـَ هڪ نشاني آهي، اها بورڊ تي ڪيو، ڪلاس کان بورڊ، پٽيءَ، سليٽ، واريءَ ۽ هوا ۾ خواه هٿ جي ترِيءَ تي ڪرايو. آخر ۾ ٻڌايو تہ هن جو نالو زَبر آهي ۽ حرفن جي مٿان ڏبي آهي.

آخر ۾ ڪلاس کان هيٺين موجب سوال پڇو:

١. ـَ نشانيءَ جو نالو ٻڌايو؟

٢. ـَ سليٽ........ وغيره تي لکو.

٣. ـَ ڪٿي ڏبي آهي (حرف تي)؟

اهڙيءَ ريت ـِ ، ـُ ، ـٓ ، ـّ ۽ جزم بہ سمجهايو.

### "سبق پهريون"

### نقطا، ٻُڙيون يا ٽِڪا

هڪ نقطو .

ٻہ نقطا :

ٻہ نقطا اُڀا. :

ٽي نقطا سنوان (سڌا) يا سبتا ∴ ...

ٽي نقطا اُبتا، ∵

چار نقطا، ::

# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي معزز ميمبرن کي مبارڪون

سنڌ جي وزيراعليٰ عاليجناب سيد عبدالله شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نئين گورننگ باڊي لاءِ هيٺين صاحبن کي ايندڙ ٽن سالن لاءِ ميمبر مقرر ڪيو آهي، اداري جي آئين موجب گورننگ باڊي جا پنج سرڪاري مستقل ميمبر آهن، جڏهن ته ڏهه ميمبر عالمن ۽ اديبن مان چونڊيا ويندا آهن.

**ايندڙ ٽن سالن لاءِ چونڊيل ميمبر:**

١. عاليجناب سيد علي مير شاهه
٢. عاليجناب ڊاڪٽر ايم - اي قاضي
٣. عاليجناب ڊاڪٽر تنوير عباسي
٤. عاليجناب ڊاڪٽر شفقت حسين شاهه چاموٽ
٥. عاليجناب علي مرتضيٰ ڌاريجو
٦. عاليجناب ڊاڪٽر فرمان فتح پوري
٧. عاليجناب ايس حميد اي هارون
٨. عاليجناب غازي صلاح الدين
٩. عاليجناب احمد عليٰ خان
١٠. سيڪريٽري - ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ
١١. سيڪريٽري - خزانو، حڪومت سنڌ
١٢. سيڪريٽري - تعليم کاتو، حڪومت سنڌ
١٣. چيئرمين- سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن
١٤. سينئر ميمبر- بورڊ آف روينيو، حڪومت سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ٻي عملي طرفان معزز ميمبر صاحبن کي سندن مقرري تي دلي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

# اداري جي گورننگ باڊي جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گورننگ باڊي جي پنجين گڏجاڻي اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق جي صدارت هيٺ تاريخ ١٦، جولاءِ ١٩٩٤ع تي سنڌ آرڪائيوز، ڪراچي ۾ ٿي گذري. گڏجاڻي جي ڪارروائي قرآن پاڪ جي تلاوت سان شروع ٿي. ان کان پوءِ اداري جي چيئرمين معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي، سڀني ٿورا مڃيا. ايجنڊا تي بحث ڪرڻ کا اڳ اداري جي معزز ميمبر مشهور دانشور ڊاڪٽر تنوير عباسي ٻه ٺهراءَ پيش ڪيا، جن جي سڀني ميمبرن تائيد ڪئي. اهي ٺهراءَ هن ريت آهن:

١. سنڌي لئنگويج اٿارٽي جو گورننگ بورڊ، هن اٿارٽي جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خدمتن تي کين خراج تحسين پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انتهائي محنت ۽ عرق ريزي سان هن اداري کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ لاءِ جهدوجهد ڪئي. بورڊ اميد رکي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي متعين ڪيل راهن تي ڪم ڪندي اٿارٽي پنهنجا مقصد حاصل ڪندي.

٢. سنڌي لئنگيويج اٿارٽي جو گورننگ بورڊ حڪومت سنڌ طرفان ڊاڪٽر نواز علي شوق کي ان جو چيئرمين نامزد ڪرڻ واري فيصلي جو خيرمقدم ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي تعليمي ۽ تحقيقي تجربي جي پيش نظر بورڊ هن نامزدگي کي هڪ بروقت ۽ مفيد فيصلو ٿو سمجهي.

ان کان پوءِ اسم وار هرهڪ اسم تي بحث مباحثو ٿيو. معزز ميمبرن هن اداري جي ترقي لاءِ سهڻيون صلاحون ڏنيون ۽ ايندڙ ٽن سالن جي عملي پروگرام جي منظوري ڏني. هن هيٺ انهيءَ پروگرام جو خاڪو پيش ڪجي ٿو.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ سکيا

- ابلاغي ذريعن جي عملي کي صحيح سنڌيءَ جي سکيا ڏيڻ جو پروگرام.
- سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بابت پرائمري استادن سان گڏجاڻيون.
- ٻي مادري زبان وارن لاءِ سولي سنڌي ۾ سکيا جي ڪتابن ۽ ٻئي مواد جي تياري ۽ اشاعت.
- ملڪي سطح تي ٻوليءَ جي سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ.
- موجوده سنڌي الف - بي جي صحيح سٽا.
- سنڌي صورتخطي کي معياري روپ ڏيڻ.

## سنڌي ٻوليءَ جو فروغ

- سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت بنيادي ڪتابن جي تياري.
- سنڌي ٻوليءَ کي جديد مواصلاتي ٻولي بڻائڻ.
- ٻين ٻولين جي معياري ڪتابن جا سنڌي ترجما شايع ڪرائڻ.
- سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو اڀياس.
- پکين، مڇين، وڻن، ولين، گاهن ۽ ٻوٽن جو مطالعو.
- جنس وار ۽ ڏنڌي وار لغات جو مطالعو.
- سنڌي چوڻين ۽ پهاڪن (Proverbs & Idioms) جي لغت.
- سنڌي ٻوليءَ جي معياري ڪتابن تي انعام.
- سنڌي ٻولي انسائيڪلوپيڊيا.
- ٻارڙن لاءِ عام فهم ٻولي ۾ دلچسپ ڪتابڙن جي اشاعت.

## سنڌي ٻوليءَ جو استعمال

- سنڌي ٻوليءَ جو دفتري استعمال: سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جا قاعدا، قانون، فارم وغيره، سنڌي ۾ تيار ڪرڻ.
- دفتري اصطلاحن جي لغات.
- سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي سهڪار سان درسي ڪتابن جي سود سنوار.
- سنڌي - انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرڻ.
- سنڌي ٻولي (خبرنامي) کي تحقيقي رسالي ۾ تبديل ڪرڻ.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري
جا ڪتاب پڙهو ۽ پنهنجي مطالعي کي سگهارو بڻايو.

## اچو تہ سنڌي سکون

غير مادري زبان وارن لاءِ سنڌي سيکارڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي. ان لاءِ هڪ ڊار ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهہ ۽ سکر کان علاوه ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ شروع ڪيا ويندا. اميد تہ هيءُ پروگرام قومي ايڪي ۽ ڀائيچاري جي فضا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. انشاء الله آگسٽ واري مهيني ۾ ڪراچيءَ کان سنڌي سيکارڻ واري پروگرام جي شروعات ڪئي ويندي.

هلو تہ هلون ڪورئين، ناز ڪ جنين جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، چنڻ مور نہ سڪيا.

○

وڳر ڪٿو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهٽو

## سنڌو لکت بابت ڪتابن جي ڇپائي

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سنڌ جي عالمن چڱي تحقيق ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ ڀيرومل مهرچند، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ ۽ ڪن ٻين عالمن جا ڪتاب شائع ٿي چڪا آهن، جيڪا نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.

هن ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اداري ٻاران انگريزي زبان ۾ شايع ٿيل ڪن اهم ڪتابن جي ترجمي جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. اهو ڪم هڪ رٿا هيٺ عطا محمد ڀنڀري جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن ٽن مشهور ڪتابن جو ترجمو مڪمل ڪيو آهي.

### سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي وفات تي تعزيتي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارى اديب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي اوچتي وفات تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين جي صدارت ۾ اداري جي ملازمن جي هڪ تعزيتي گڏجاڻي ٿي. هن گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي اوچتي موت کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو وڏو نقصان ڪوٺيو ويو. آخر ۾ مرحوم ٻوهيي جي روح کي ثواب پهچائڻ خاطر دعا گهري وئي.

سان ڪتاب جي تياري ۽ ڇپائيءَ جا سڀ فيصلا اڳواٽ ڪري سگهجن. جيڪڏهن ڪنهن صاحب اڳ ۾ ئي ڪو ڪتاب لکيو آهي ته بہ اداري کي اطلاع ڏئي ته جيئن ڇپائي لاءِ انتظام ڪري سگهجي.

اميد تہ سنڌي سائنسدان ۽ هر سطح جا استاد جيڪي سائنسي علم پڙهائين ٿا، سي هن مهم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا، جيئن علم ادب سان گڏوگڏ سائنسي علمن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري سگهجي.

## ٻارڙن لاءِ ننڍڙن سولن ڪتابڙن جي تياري

سنڌي ۾ بنيادي ٻارائي مواد جي ڪافي کوٽ آهي، ڪن لکندڙن ان طرف توجهہ ڏنو آهي، پر جيترو ۽ جهڙو ٻارڙن لاءِ لکڻ گهربو هو، لکجي نہ سگهيو آهي. ڪنهن بہ معاشري جي ترقي ۾ ٻارڙن جي وڏي اهميت آهي، هو مستقبل جا وارث آهن، ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ انهن کي مستقبل جي عملي زندگيءَ لاءِ تيار ڪجي. ننڍي عمر جي ٻارڙن ۾ قدرتي طور جستجو وارو مادو گهڻو هوندو آهي ۽ اهي پرپاسي جي شين متعلق علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اهو ضروري آهي تہ ٻارن جي ذهني سطح کي جانچي پوءِ لکڻ گهرجي. ٻارڙن متعلق لکڻ هڪ خاص ڏانءُ آهي، ان کان سواءِ، لکڻ جو اصل مقصد حاصل ڪري نہ سگهبو. جيئن تہ ٻار جو تجربو محدود ٿئي ٿو ۽ هو زندگيءَ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کان اڻواقف هوندا آهن، انهيءَ ڪري ڪين ماحول جي ڄاڻ ڏيڻي پوي ٿي، ان لاءِ هر تعليمي ۽ تربيتي نظام جا پنهنجا طور طريقا آهن، جيڪڏهن ٻارڙن کي سندن ذهني سطح مطابق زباني طور سنا ۽ وڻندڙ بيت يا، ڪهاڻيون ٻڌائجن تہ ٻار اهي سولائيءَ سان ياد ڪري وٺندا آهن. اهڙي دلچسپ مواد ۾ زندگي گذارڻ جي مفهوم سان گڏ ضروري آهي تہ کين ٻوليءَ جي سولن ۽ سهڻن فقرن ذريعي ٻوليءَ جي بہ تربيت ڏجي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ رٿا "ٻارڙن لاءِ سولا، ننڍڙا ڪتابڙا تيار ڪرڻ" آهي، شروع ۾ ننڍڙين ڪهاڻين، ٻارائن گيتن، سائنسي ڄاڻ، پکين، جانورن ۽ ميون وغيره جي موضوعن تي وڻندڙ معلوماتي ڪتابڙا شايع ڪيا ويندا. اهڙا ڪتابڙا تصنيف ڪرڻ لاءِ سيني سڄاڻ لکندڙن کي سڏ آهي تہ هو هن رٿا ۾ عملي طور شامل ٿين، هر معياري ڪتابڙو جيڪو شايع ڪرڻ جي لائق هوندو ان لاءِ اداري طرفان منظور ٿيل قاعدي موجب مناسب معاوضو پڻ ڏنو ويندو.

### ڪتابن جي خريداري بابت عام اطلاع

**اداري جا ڪتاب اداري جي مرڪزي آفيس مان خريد ڪندڙن کي هيٺين طرح رعايتون ڏنيون وينديون:**

**(١) استادن ۽ شاگردن کي ٢٠ % سيڪڙو خاص ڇوٽ ڏني ويندي.**

**(٢) ملڪ اندر سرڪاري ڪتب خانن ۽ ادارن کي ١٥ % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي.**

**(٣) ڪتب فروشن يا ٻين اهڙن خريدارن کي ٣٣ % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي، جيڪي هڪ جلد جون گهٽ ۾ گهٽ ١٠ ڪاپيون بروقت خريد ڪندا.**

**(٤) ڏهن هزارن جا ڪتاب خريد ڪرڻ تي ٥٠ % سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.**

**(٥) ڪنهن بہ اداري طرفان گهڻن ڪتابن گهرائڻ تي ڪتاب بئنڪ بلٽي ذريعي موڪليا ويندا، پر جيڪڏهن ڪتابن جو ملهہ گهڻو نہ هوندو تہ، وي- پي ذريعي موڪليا ويندا ۽ وي- پي خرچ خريدار کي ڀرڻو پوندو.**

**ڪتاب هيٺين پتي تي خريد ڪري سگهجن ٿا:**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**
**نزد سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي**
**حيدرآباد، سنڌ**

# اداري جا نوان ڇپجي آيل ڪتاب

**١. شاهه جو رسالو، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٩٨٥. قيمت: ١٠٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٥٠ روپيا اخباري ڪاغذ.**
شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سنڌي ٻوليءَ جو لاثاني شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ اهڙي ته مسا رکيل آهي جو نه صرف اسان سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن کي ان تي ناز آهي پر دنيا جي اعليٰ ۽ وسيع نظر عالمن ۽ محققن به شاهه جي ڪلام کي "حقيقت جو ڪلام" ڪوٺيو آهيو. شاهه سائين جا هونئن ته ڪيترائي رسالا هن وقت به تيار ٿي رهيا آهن ۽ اڳ به تيار ٿيا، پر شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو رسالو وڏي تحقيق ۽ پيٽ ڪان پوءِ مرزا صاحب مرتب ڪري تيار ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪاڪي ڀيرومل ماهوار سنڌو جون ١٩٣٨ع ۾ لکيو آهي ته "سنه ١٩٠٠ ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو ته مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ بمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط رسالن سان ڀيٽيو..... مرزا صاحب کي انهي ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ تيرهن ورهيه لڳي ويا" تيرهن ورهين جي لاڳيتي محنت سان تيار ٿيل مرزا صاحب جو رسالو هن وقت ناياب هو، سواءِ ڪجهه لائبررين جي اهو عام دستياب نه هو. ان لاءِ هن اداري طرفان وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه جي هدايت تي عمل ڪندي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" پاران هن رسالي کي تمام سستي اگهه تي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي، جنهن سان نه صرف عام پڙهندڙ لاڀ پرائيندا، پر هن مهانگي دور ۾ شاگرد به هن سستي ۽ سهڻي ڇاپي کي خريد ڪري سگهندا.

**٢. لغات لطيفي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٣٨٠، قيمت: ٤٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٢٠ روپيا اخباري ڪاغذ.**
شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌي زبان، ادب ۽ سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي سا سون ۾ مڙهائڻ جهڙي آهي، مرزا صاحب هونئن ته هر موضوع تي ڪتاب لکيا، پر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح، ڪلام، پيغام ۽ لغات تي جيڪو ڪم ڪيو، سو پڻ مثالي آهي. مرزا صاحب ٻهريون عالم آهي، جنهن شاهه سائين جي رسالي جي هر هڪ شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي ۽ ان جو نالو لغات لطيفي رکيائين. لغات لطيفي جا ٻه ايڊيشن اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا، پر هينئر اهو ڪتاب اڻ لڀ ٿي ويو آهي، "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان جڏهن شاهه جي رسالي جي ڇپائي لاءِ سنباها ڪيا ويا ته، اهو پڻ ضروري سمجهيو ويو ته مرزا صاحب جي تيار ڪيل" لغات لطيفي" پڻ شايع ڪئي وڃي، اهوئي سبب آهي جو هيءَ لغات ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

**٣. سنڌ لئنڊ رونيو قانون ١٩٦٧ع، سنڌي ترجمو، صفحا١٥٢، قيمت :٦٠ روپيا.** سنڌي ٻوليءَ جو سرڪاري توڙي نيم سرڪاري آفيسن ۾ استعمال هن اداري جو هڪ بنيادي مقصد آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين مرحلي تي "سنڌ لئنڊ رونيو ايڪٽ ١٩٦٧ع" جو سنڌي ترجمو ڇپائي شايع ڪرايو ويو آهي. هي هڪ اهڙو قانوني دستاويز آهي، جيڪو سڄي سنڌ جي رونيو آفيسن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان ڪانءِ سواءِ ڪاتيدارن لاءِ پڻ ڪارگر آهي، ان اهميت کي محسوس ڪندي هي ايڪٽ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان شايع ڪرايو ويو آهي.

**٤. ٿر جي ٻولي: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم، صفحا ١٤٤، قيمت :٤٠ روپيا.** سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جيئن جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي، تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ ٿيندي ۽ هر ڀاڱي جي ٻولي لکت ۾ محفوظ ٿيندي، جنهن سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو. هن اداري طرفان اهڙي ٻولين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ جامع رٿا عمل هيٺ آهي، جنهن جا چار ڪتاب اڳ ڇپجي چڪا آهن. "ٿر جي ٻولي" هن سلسلي جو پنجون ڪتاب آهي. هي ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڍاٽڪي، پارڪري، سوڍڪي ۽ ٿري محاوري کي سهيڙڻ سان گڏ ان طرف جا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح وغيره پڻ ڏنا ويا آهن. هي ڪتاب محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ هدايت پريم گڏجي لکيو آهي.

**٥. ماچر ، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي: حافظ حبيب سنڌي، صفحا ٢١٦، قيمت :٥٠ روپيا.** هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي وسيع مطالعي واري رٿا هيٺ لکيو ويو آهي، جنهن موجب سنڌ جي مختلف ڀاڱن جي ٻولي کي محفوظ ڪيو ويو آهي. ماڇر ۽ ڪڪرالو سنڌ جو ساحلي خطو آهي، جنهن جو محاورو پڻ الڳ ۽ نرالو آهي. مصنف ان لهجي کي هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي.

**٦. ٻوٽن جي واڌ ويجهه: مصنف حاجي اسلام الدين مجيداڻو، صفحا ٤٨، قيمت: ٢٥ روپيا.** سائنسي موضوع تي لکڻ، وقت جي ضرورتن مان هڪ اهم ضرورت آهي ۽ هن اداري جي بنيادي مقصدن مان هڪ آهي. ته جيئن سائنسي ڄاڻ وڌ ۾ وڌ مادري زبان سنڌي ۾ شايع ٿي سگهي. هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ زراعت سان لاڳو موضوع کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. ٻوٽا ڪيئن ٿا وڌن، وڻن ۾ قلمن جو عمل ڪئين ٿو ٿئي، ان جا طريقا ڪهڙا آهن؟ اهي سڀ ڳالهيون چٽيون ڪري هن ڪتاب ۾ سمجهايون ويون آهن.

# سڀني طرفان موڪليل خط

**ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي- دهلي يونيورسٽي، دهلي انڊيا**
**خوش هجو:**

دوستن جي معرفت اوهان جي اٿارٽي جا ڪجهه خبرناما مليا، جن جي پڙهڻ سان ڄاڻ پئي ته اداري طرفان چڱا ۽ اهم ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. تحقيقي جي رٿائن ۾ ٻنهي ملڪن جي (سنڌي) عالمن وچ ۾ جيڪڏهن رابطو قائم رکيو ويو ته سيني کي فيض رسندو. اميد ته اٿارٽي جي رٿائن مان وقت به وقت واقف ڪندا رهندا.

**گنگارام سمراٽ- سئجپور بوگها، احمد آباد- انڊيا**

توهان هتان جي لسانيات تي ڪتاب جي لسٽ گهري آهي، هتي لس ٻيلي جي سفر نامي کي ئي لسانيات سمجهيو ويندو آهي. مان ۵۰۰ ڪن سنڌي لفظن جو بنياد ۽ اشتقاق لکڻ جي ڪوشش ڪري سگهندس، جو هڪ سو ڪن صفحن تي مشتمل ٿيندو. لغات تي ڪم ڪهڙو ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي مون کي لکي موڪليندا، ويچار ڪندس. هڪ عام فهم رسالو سنڌي ۾ اهڙو نڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ پنهنجي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪا علمي چيز سمايل هجي، سنيون ڪهاڻيون، سٺا مضمون، ڪوجنا وارا، هدايتون، چرچا، صحت جا نقطا، سنن شاعرن جا نظم مطلب ته هر قسم جو مواد ان ۾ هجي ۽ بلڪل لاڳت طور ان جو ساليانو چندو خواهه ريزڪي قيمت رکڻ گهرجي جا ڏهن روپين کان هرگز مٿي نه هئڻ گهرجي.

**قطب الدين سومرو، پنجو ديرو- لاڙڪاڻو**
**السلام عليڪم:**

اڪثر سنڌي پنهنجن ٻارن کي انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهائڻ ٿا، جتي سندن اولاد انگريزي ته سکي وڃي ٿو پر سنڌي کان بلڪل ڪورا رهن ٿا، صرف ڳالهائڻ ڄاڻين، باقي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ سنڌي ٻولي ڪون اچين، ان لاءِ ڪم از ڪم سنڌي محلن ۾ انگريزي ميڊيم ۾ سنڌي مضمون ضرور پڙهايو وڃي. جيئن اهي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي چڱي ريت سڃاڻي سگهن.

**پرو فيسر برڪت ابڙو ڪريمي، نصرپور حيدرآباد**
**السلام عليڪم:**

قديم سنڌ پنهنجي حدن ۾ ڪشمير کان ڪاٺياواڙ ۽ قنڌار کان راجستان آهي، هن ريت ان سموري ايراضي ۾ جيڪي به مقامي ٻوليون قديم دور کان ڳالهائجن ٿيون، اهي سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ليکجڻ گهرجن ۽ انهن مڙني لساني لهجن جي الف- بي واري تختي به سنڌي واري هئڻ گهرجي.

**مصطفيٰ هاشمائي- ڪراچي سنڌ**
**السلام عليڪم:**

اسان جي خوشيءَ جو ڪارڻ اهو آهي ته "سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ" کي هڪ قابل، لائق ۽ سنڌ دوست اڳواڻ مليو آهي، جيڪو اداري ۾ تحقيقي جدت سان گڏ ٻين به انيڪ پهلوئن جي اوسر لاءِ ڄاڪوڙ ڪندو، دعاگو آهيان ته سنڌي زبان کي وڌيڪ پختو ڪندا ۽ سوارينداَ.

**محترم نجمه ملڪ - مين پرائمري اسڪول روهڙي**
**السلام عليڪم:**

اوهان "سنڌي ٻولي" خبرنامي کي تحقيقي رسالي ۾ بدليو آهي خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي. توهان لکڻ جو سڏ ڏنو آهي، ضرور لکندس اها منهنجي لاءِ خوش نصيبي آهي ته مان پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪجهه ڪري سگهان. مان درس ۽ تدريس جي پيشي سان وابسطه آهيان، پرائمري تعليم بابت چڱي طرح لکي سگهبو.

شمارو - ٣
جلد - ٤

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

# سنڌي ٻولي

جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر ١٩٩٤ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ٣
جلد - ۴

# سنڌي ٻولي

جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر ١٩٩۴ع




سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت واحد معياري مخزن

ٽه ماهي

# سنڌي ٻولي

جلد 4 . شمارو (3) جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر 1994ع

نگران:

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" -چيئرمين

چيف ايڊيٽر :

الهه بخش شاهه بخاري -سيڪريٽري

ايڊيٽر :

امين لغاري (اشاعتي نگران)

ٻانهن ٻيلي :

فيض محمد سڪندري پتافي
محمد ابراهيم ڪنير

ڪمپوزنگ :

سخاوت علي جتوئي

پتو:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم -
نيشنل هاءِ وي حيدرآباد سنڌ.
فون : -650167- 652457

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

قيمت : 10 روپيا

## سهڪار جي ضرورت

مخزن جي صورت ۾ "سنڌي ٻولي" جو هي ٻيو شمارو آهي هن کان اڳ واري شماري جي پڙهندڙن طرفان تمام سٺي موٽ ملي آهي، ڪافي سڄڻن سهڻيون صلاحون به ڏنيون آهن ۽ ڪن رهجي ويل اوڻائين طرف ڌيان ڇڪرايو آهي، ان لاءِ اسان سندن شڪرگذار آهيون. هن شماري ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت ٻه خاص مقالا شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾ پهريون مقالو مشهور محقق جي - ايم پانڊي جو لکيل آهي، جنهن جو محترم عطا محمد ڀنڀري سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، ٻيو مقالو لاڙي محاوري تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پرائمري تعليم ۾ ٻوليءَ جي اهميت بابت مقالو پڻ شايع ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ هن وقت جي اهم ڳالهه يعني اخبارن ۽ رسالن ۾ وڌندڙ ٻوليءَ جي بگاڙ تي پڻ هڪ مضمون شايع ڪيو ويو آهي، جيڪو محترم علي احمد بروهي صاحب جو لکيل آهي. اداري طرفان هن سلسلي ۾ خاص سيمينارن جو اهتمام پڻ ڪيو ويو آهي، هي سلسلو انشاءَ الله جلد شروع ڪيو ويندو ۽ اخبارن، رسالن سان گڏ ٽي وي ۽ ريڊيو ۾ ڪم ڪندڙ عملي ڪي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال جي سکيا بابت غور ڪيو ويندو.

هي سڀ محنتون تڏهن ڪارگر ثابت ٿي سگهن ٿيون، جڏهن سنڌي عالمن ۽ ٻوليءَ جي گهڻگهرن طرفان هر قسم جو سهڪار ڪيو وڃي، تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي، اسان کي اميد آهي ته سنڌ جا سڄاڻ ساٿي هن تي غور ڪندا. ۽ اسان سان علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪمن ۾ سهڪار ڪندا رهندا.

—— امين لغاري

# سنڌي زبان

# (هڪ يادگار تقرير)

” ..... سنڌي هڪ قديم زبان آهي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سر چارلس نيپئر چيو هو تہ زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي، جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽي ۾ بہ سنڌي پڙهائي ويندي هئي ۽ 1958ع تائين اها سرڪاري زبان هئي، جنهن کان پوءِ مارشل لا وارن زباني حڪم جاري ڪري اُن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. سنڌ اسيمبليءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مان نٿو چاهيان تہ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبہ خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن، مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نہ ئي وري سنڌن زبان يا ثقافت کي تباهہ ڪرڻ گهران ٿو ....“

## ذوالفقار علي ڀٽو

اسلام آباد ۾ پاڪستان جي
قومي اسيمبليءَ کي خطاب
(15 - جولاءِ 1972ع)

# سنڌي ٻولي

”سنڌيءَ کي زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو، حضرت شاهه لطيف جو ڪلام ’سنڌيءَ‘ ۾ آهي. شاهه جي ڪلام کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي. اسان وٽ شاهه جي ڪلام کانسواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهه لطيف کي ڇڏي ڏنوسون، ۽ اها اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي ....

”...... مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر ’گوئٽي‘ کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان. حالانڪ باقي سڀ علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ به موجود آهن ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي...

”... عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن به ٻيءَ زبان ۾ ان جو ترجمو ايڏو اونهو، جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، پر هن ڪوشش ۾ سراسر ناڪام ويو. ڇاڪاڻ جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي. انهيءَ ڪري، جهڙيءَ طرح قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي...

”...’سنڌي زبان‘ هڪ موسيقيءَ واري (Musical Language) زبان آهي، ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر، جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

”ٻوليون چند سالن ۾ نه، پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي؛ گرامر پوءِ ٺهي ٿو، ٻولي ڀريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ به صديون اڳ جي پيداوار آهي. ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشوونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي، اهي ٻوليون اهڙيون گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وڻندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجوده انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس جرمن ٻوليءَ وانگر، سُر ـ تال تي ايرڻ نه ڏنائون“.

—————— علامه آءِ. آءِ. قاضي

(روزانه ”عبرت“ جي نمائندي کي انٽرويو. 22 ـ آڪٽوبر، 1967)




موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين جي لکت

# لاڙي محاورو

## هڪ جائزو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي هڪ قديم زبان آهي، پنهنجي شروعاتي دؤر کان وٺي مختلف اٿرن هيٺ تبديل ٿيندي آئي آهي. اهڙي تبديلي زبان جي سٽاءَ ۽ لفظن جي ذخيري ۾ آئي آهي. زنده ٻولين وانگر سنڌيءَ ٻه ڌارين ٻولين جا سوين لفظ جذب ڪيا آهن. ڪي ٻوليون ڳالهائيندڙن جي گهٽجڻ يا ٻين سببن ڪري آهستي آهستي ختم ٿي وينديون آهن. چارلس هاڪيٽ لکي ٿو "چٽي ماچا (Chiti macha) هڪ آمريڪن انڊين زبان جا ١٩٣٠ع ۾ فقط ٻه ڳالهائيندڙ ڏٺا ويا. انهن جي مرڻ سان جڻ اُها ٻولي ختم ٿي. نيوگنيءَ جي هر ڳوٺ ۾ اُن ڳوٺ جي ٻولي ڳالهائڻ وارا اُهي ئي چند سؤ ماڻهو آهن .....!"

اُن جي اُبتڙ زنده زبان وڌي ۽ ويجهي ٿي. منجهس وسعت سان گڏ تبديلي ايندي وڃي ٿي، لساني/لسانياتي جاگرافي زبان جي تبديلين جي باري ۾ هڪ علم آهي، اُن ڪري جيڪا درجه بندي ٿئي ٿي، اُن جو هڪ مخصوص اصطلاح آهي جنهن کي محاورو (Dialect) چئجي ٿو.

زبان ۾ محاورو مفاصلي سبب جنم وٺي ٿو. هڪ ايراضيءَ کان ٻيءَ جي ٻوليءَ ۾ هڪ فطري فرق پيدا ٿئي ٿو. ٻولي ته بنيادي طور ساڳي آهي، پر اُن ۾ ڪي فرق ظاهر ٿين ٿا. ٻوليءَ بابت هي چوڻي اُن ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿي، "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" اُن کان به هڪ قدم اڳتي تپاس ڪبي ته ڪي ٻه ٻه ماڻهو بلڪل هڪ جهڙو ڪونه ٿا ڳالهائين (٢) وري ڪنهن جو ذاتي اُچار (Idiolect) به ڳڻپ ۾ اچي ٿو. زبان جي مختلف محاورن کي نقشي تي ورهائي ڏيکارڻ لاءِ ليڪون (Isoglosses) ڏيئيون آهن. (٣)

هر زبان اُچارن جي فرق ۽ وياڪرڻي فرق سبب ڪيترن ئي محاورن ۾ ورهايل هوندي آهي، ڪٿ گهٽ ڪٿ وڌ پر هر زبان ۾ محاورا موجود آهن. دنيا ۾ چند زبانون اهڙيون به آهن، جن ۾ ملڪ جي هڪ ڇيڙي جو رهاڪو ٻئي ڇيڙي جي رهاڪوءَ جي ڳالهايل (ساڳي) ٻولي ڪونه سمجهندو آهي، چيني ٻوليءَ ۾ ايئن آهي اُتر وارو پينسل کي "چِئن ٻِيي" چوندو ۽ ڏکڻ وارو "ڪِيي" چوندو لکت ۾ چينيءَ جا سڀ محاورا ساڳيا آهن، صرف ۽ نحو جو به ڪو فرق ڪونهي. فقط تلفظ جو فرق آهي. اسان جي زبان جي محاورن ۾ تلفظ سان گڏ لکت جو به فرق آهي، جئن اُتر ۾ "پاءُ" ته لاڙ ۾ "پا".

سنڌيءَ جا وڏا محاورا ڇهه آهن. سرِيلي يا سِري وارو وچولو - لاڙي - ٿري - ڪڇي ۽ لاسي يا ڪوهستاني. سنڌ اڳ اڄوڪي سنڌ کان وڏي هئي. اُن ڪري اڄوڪين سرحدن کان ٻاهر به سنڌي زبان جو ڦهلاءُ ٿيو ۽ گجرات، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ به سنڌي زبان جا محاورا ، جهڙوڪ: ميمڻي، ڪيتراني ۽ ماڇڪو وغيره موجود آهن.

هن مقالي ۾ لاڙ جي محاوري جو جائزو پيش ڪجي ٿو. لاڙ (Lower Sindh)) سنڌ جو اُهو ڏاکڻيون حصو آهي جنهن جي سرحد ڏکڻ ۾ ڪڇ جي رڻ سان ملي ٿي. رابطي جي مدنظر ڪڇ ۽ لاڙ جي وچ ۾ ١٩٤٧ع کانپوءِ پارت جي سرحد آهي، ڏکڻ اولهه ۾ سمنڊ آهي، اُن ڪري اُتان ڪا لساني توڙي محاوراتي سرحد به نه آهي. اولهه کان لاسي يا ڪوهستاني محاورو، ڏکڻ کان ڪڇي، اوير کان ٿري ۽ اُتر کان وچولو محاورو موجود آهي. هي سڀ محاورا سنڌي زبان جي سونهن آهن، هر محاوري کي پنهنجي پنهنجي خصوصيت حاصل آهي.

# اخبارن جي ٻوليءَ تي هڪ سرسري نظر

علي احمد بروهي

وڏا تورا! منڙي مالڪ جا، اڄ سنڌ ۾ سياسي سجاڳيءَ جو دور آيو ته ڏسجي، نه فقط اخبارن جي پڙهندڙن ۾ واڌ آئي آهي پر خود اخبارن جي تعداد ۾ پڻ خاص اضافو ٿيو آهي، شيطان جا ڪن ٻوڙا. اڄ سنڌي ٻوليءَ جي روزاني اخبارن جو ڳاڻاٽو ڏيڍ درجن ڏيڍ کي پهتو آهي، وري مزو اهو جو سنڌي اخبارن پنهنجو سڪو ٻه واهه جو ڄمايو آهي ۽ هاڻ سندن لکڻين جو نوٽيس پڻ ورتو ٿو وڃي. اخبارن سان گڏ صحافت جي دائري ۾ پڻ چڱي ڀرتي ٿي آهي، مضمون ۽ مقالا لکندڙن جي قطار ۾ روزبروز نوان نالا ڏسجي رهيا آهن. خاص طور شعر و شاعري ۽ ڪالم نويسيءَ ۾ ته ڪنڪ اڃي ڪٺا ٿيا آهن. سندن خيال جي اڏام ۽ لکڻين جي رواني ڏسي اڪثر ڏندين آڱريون ڏيئيون ٿيون پون ته هي مانڪ موتي ۽ لعل گوهر هيل تائين الاجي ڪٿي ۽ ڪهڙي لڏ ۾ لڪل هئا!

ايتري سياسي سجاڳي ۽ صحافتي سرگرمي هوندي به تعجب هي آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جا سونهن سوڀيا اڄڻ گهربي هئي، سا اڃان سوڌو ڏسڻ پسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. ممڪن آهي ته اها ماجرا اڃان اڌ پنڌ ۾ هجي، پر اهڙا ڪي اهڃاڻ ڏسجي نه رهيا آهن، بلڪ ڏٺو وڃي ته انهي ڏس ۾ باک ئي نه ڦٽي آهي - جو هڪ لازمي امر پڻ آهي. ڇاڪاڻ ته اخبارن جي شمار ۾ واڌاري سان صحافين جي صفن ۾ ته برابر گهٽائي آئي آهي، پر صحافت جي معيار يا ٻوليءَ جي سنوار ۽ سينگار ۾ ڪا سرسي آيل نه ٿي ڏسجي. جي رنگروٽ ڪم ۾ رنيايا ويا آهن، تن کي علمي لياقت ۽ صلاحيت ته ضرور هوندي، پر کين صحافت جو تجربو خير ڪي آهي، نه وري اخبارن جي دفترن ۾ اهڙي ڪنهن تربيت ۽ ترغيب ڏيڻ جو ڪو انتظام ئي آهي، هو غريب لمَ ٽپ تي ڪم اُڪلائيندا ٿا رهن پوءِ ڳالهه ٺهي نه ٺهي، وٺ ريتگٽ ڪي. آخر ٻه ته کين اخبارن جي خالي ۽ بڪايل ڪالمن جا پيٽ ڀرڻا آهن، پوءِ اکر نه سهي ته نڪر ۽ ٺوپر ئي سهي!

ڏٺو وڃي ته سندن ڏوهه آهي ئي ڪونه. هڪ ته هو اهڙي اٿانگي دور ۾ اچي سهڙيا آهن، جڏهن اڙدو اڙدها جيان مٿان ٿڻ ڪڍيو بيٺي ڦوڪون ڏئي، وري کين جي استاد تڪريا سي ڀاڻ ڏوڪڙ ڏيئي ڀرتي ٿيا هئا. اڳين استادن جي پڙهائي ۽ پڙهائڻ پيٽ پوڄا جي وسيلو هئڻ سان گڏ شيوا ڀڳتي ۽ عبادت پڻ هئي. اڄوڪو استاد خواهه صحافي، ماستري يا صحافت کي ريلوائي ويٽنگ روم جيان استعمال ٿو ڪري، ته جيسين سندس منزل واري ريل اچي سهڙي، تيسين ڪرسيءَ تي ويهي ڪڙيون گرم ڪري، جٿن چوٽي آهي ته "ڀڳي سان ئي ڀيڙ، جيسين رتو راس ٿئي"

هن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته صحافت (جرنلزم) کان مراد آهي ئي اهڙو ادب جو تڏي تي ۽ تڙتڪڙ ۾ سرانجام ڏنو وڃي. هوندَن به اخبار جي ڄمار آهي گهڻي؟ ڪل چار پهر. رات پر پٽاري سورنهن سينگار ڪري ٺهي جڙي ڪنوار ٿي صبح جو پڙهندڙن جي ور چڙهي، ۽ وري شام جي ٽاڻي

# سنڌي سيکارڻ ۾ ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت

وفا منظور علي چوهاڻ

ڪنهن بہ عمارت جو بنياد جيترو قدر مضبوط هوندو آهي، ايترو قدر ان بنياد تي اڏاوت ٿيندڙ عمارت بہ پائيدار هوندي آهي. پر جيڪڏهن بنياد ئي ڪمزور آهي، تہ پوءِ انهيءَ ڪمزور بنياد تي ٺهيل عمارت پائيدار ۽ ديرپا ثابت نہ ٿيندي. ڪنهن وڻ جي پاڙ پاتال ۾ مضبوط نہ آهي تہ ٿورڙي هوا جي جهوٽي لڳڻ سان وڻ ئي ختم ٿي ويندو.

اسان جي تعليمي نظام جو مثال بہ انهيءَ عمارت ۽ وڻ جهڙو آهي ۽ ان نظام جو بنياد وري پرائمري تعليم آهي. سڌريل معاشري جي اوسر ۾ يا تعليمي ترقيءَ ۾ پرائمري تعليم ڪيتري اهم ۽ ڌيان جوڳي هوندي آهي، ان جو اندازو هر پڙهيل لکيل ماڻهو کي بخوبي هوندو. ڪنهن بہ ملڪ يا قوم جي تعليم ۾ پرائمري نصاب کي تمام وڏي ۽ بنيادي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن اهو هر لحاظ کان مڪمل چٽو ۽ غلطين کان بچيل آهي،تہ پوءِ ٻار جي ذهني ۽ تعليمي اوسر بہ اثرائتي ۽ صحتمند ٿئي ٿي.

پرائمري تعليم جو اڳي تہ اهو مقصد هوندو هو تہ شاگردن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارجي، ان کان بعد ٻي ضروري تعليم ڏني ويندي هئي، جهڙوڪ:حساب، تاريخ، جاگرافي ۽ سائنس وغيره. اها سنڌي تعليم ورنيڪيولر فائينل تائين مڪمل ٿي ويندي هئي. اهڙو شاگرد سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ ڪارگر فرد ٿي پوندو هو. سنڌ ۾ هن نئين نظامِ تعليم جو جيڪو تجربو ڪيو ويو آهي،ان جي ناڪامي اسان جي اکين جي آڏو آهي. شاگرد ڏهين جماعت پاس ڪري اچن ٿا، مگر انهن کي پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ جي صحيح صورتخطي بہ لکڻ ڪانہ ٿي اچي. موجوده نصاب ۾ بہ ڪيتريون ئي خاميون آهن، مثلن؛ ”سنڌي ٻاراڻو ڪتاب،“ جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشوري جو تيار ڪيل آهي،ان کي انصاف سان ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ ڪهڙي قسم جي سنڌي ٻولي موجوده نسل کي سيکاري وڃي ٿي.

شروعاتي تعليم جيئن تہ ٻار جي لاءِ هڪ پيڙهہ جي حيثيت رکندي آهي، جڏهن اها تعليم شروع ۾ ئي ناقص رهي تہ پوءِ آخر تائين اهو نقص ٻار ۾ رهجيو وڃي. ان سلسلي ۾ اهڙا درسي ڪتاب تيار ڪيا وڃن، جيڪي غلطين کان پاڪ ۽ معياري هجن. مٿين درسي ڪتابن جي اهميت کي ڏسي ڪري، ٻاراڻي ڪتاب کي تيار ڪرڻ لاءِ اڃان بہ وڌيڪ احتياط جي ضرورت ٿئي ٿي. پرائيمر ٻار جو پهريون ڏاڪو آهي، شروعاتي ٽن سالن ۾ ٻار جيڪا تعليم حاصل ڪري ٿو، سا حياتيءَ جي باقي حصي جي ڪنهن بہ سال ۾ نہ ٿو پرائي سگهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، جو هاڻي تعليم جي ڪريل معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڪوششون ٿي رهيون آهن. تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ، تعليمي ماحول کي سازگار بنائڻ سان گڏ درسي ڪتابن تي ڪامل ڌيان ڏيڻ بہ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو ان کان سواءِ نتيجا اهي نہ نڪري سگهندا، جيڪي اسين چاهيون ٿا.

درسي ڪتابن جي سلسلي ۾ ”سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ“ جيتوڻيڪ چڱيون ڪوششون ڪري رهيو آهي، پر تڏهن بہ ڪتابن ۾ ڪافي اهڙيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون، جيڪي معياري درسي ڪتابن ۾ نہ هجڻ گهرجن. ڪتابن ۾ غلطيون تہ ٿينديون آهن: ڪي گرامر جون غلطيون تہ ڪي وري پريس جي ڇپائيءَ جون غلطيون؛ عام ڪتابن ۾ تہ

# صوبائي اسيمبلي سنڌ
# نوٽيفڪيشن

## ڪراچي ١٧ - جولاءِ ١٩٧٢ع

نمبر ص الف س / ق - ب - ١٣/ ٧٢ - سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) سال ١٩٧٣ع، جيڪو ٧ - جولاءِ ١٩٧٢ع تي صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ جنهن جي پڄاڻي سنڌ جي گورنر ١٦ - جولاءِ ١٩٩٧٢ع تي ڪئي، تنهن کي سنڌ جي صوبائي قانون ساز مجلس جي ايڪٽ جي طور تي ڇاپيو پيو وڃي:

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع)

## سنڌ ايڪٽ نمبر ٢ بابت سال ١٩٧٢ع

(سنڌ جي گورنر جي بحاليءَ بعد، پهريائين سنڌ جي غير معمولي گزيٽ ۾ تاريخ١٧ - جولاءِ ١٩٧٢ع تي ڇپيو)

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪرڻ لاءِ:

## هڪ ايڪٽ

جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٦٧ جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ قومي زبانن جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، صوبائي مقننہ، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن تہ سنڌي ٻولي سرڪاري کاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي ۽ جيئن تہ سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون هئي، پر ان کي مارشل لا اختياري وارن جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو هو، ۽ جيئن تہ اها صوبي سنڌ جي فطري آرزو ۽ خواهش آهي تہ سنڌي ٻولي جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي. تنهن ڪري هيٺيون قانون ٺاهيو پيو وڃي،

١. (الف) هن ايڪٽ کي (سنڌي ٻولي جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ [مختصر عنوان، شروعات ۽ حد] ١٩٧٢ع چيوويندو.

(ب) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ پوري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.

٢ . هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪوئي ٻيو مطلب نہ نڪرندو هجي، هيٺين [تشريح] لفظن جي اهائي معنيٰ سمجهي ويندي، جيڪا هر هڪ لاءِ ڄاڻائي ويئي آهي:

(الف ) "اسيمبلي" معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ،

(ب) "حڪومت" معنيٰ سنڌ جي حڪومت،

(ج) "حڪومت" جو کاتو" معنيٰ حڪومت جو ڪوئي کاتو ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي خودمختيار ادارو، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي بہ شامل سمجهيا ويندا.

(د) "ادارو" جي معنيٰ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ڪو ٻيو ادارو.

٣ . سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻوليءَ جي طور تي استعمال [صوبائي ٻولي] ڪيو ويندو.

(الف) اهڙن سيني ادارن ۾، جن ۾ چوٿين کان ٻارهين ڪلاس تائين [سنڌيءَ جي سکيا]، تعليم ڏني پيئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمونن جي حيثيت هوندي.

(ب) لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجي بدرجي، جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

۵ - سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ حڪومت اڪيڊميون ۽ [سنڌيءَ جو واڌارو] بورڊ ناهي سگهي ٿي.

٦ - حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي، آفيسن ۽ سرڪاري [سنڌيءَ جو استعمال] ڪاتن ۾، جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بدرجي استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي.

٧ - (١) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا ناهي [قاعدن ناهڻ جو اختيار] سگهي ٿي.

(٢) مٿين عام اختيار کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، اهڙا قاعدا خاص طرح سان هيٺين مقصدن لاءِ ناهي سگهجن ٿا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي درجي بدرجي، پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون جي طور تي رائج ڪرڻ.

(ب) اڪيڊمين ۽ بورڊن جو ناهڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ.

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ سنڌي زبان جو درجي بدرجي استعمال.

حڪم

اسپيڪر

صوبائي اسيمبلي سنڌ

جمال الدين ابڙو

سيڪريٽري، صوبائي اسيمبلي سنڌ

## حڪومت سنڌ
## قانون کاتو
## نوٽيفڪيشن

### ڪراچي ٢٢ - جولاءِ ١٩٧٢ع

نمبر ايس (ليجس)١-١-(١١) / ٧٢ - سنڌ جي گورنر جو جاري ڪيل هيٺ ڏنل آرڊيننس، عام ڄاڻ لاءِ شايع ڪجي ٿو.

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس ١٩٧٢ع

**سنڌ آرڊيننس ٻارهون بابت ١٩٧٢ع**

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقرا وضع ڪرڻ لاءِ.

### هڪ آرڊيننس

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٢٦٧ جي مهاڳ فقره (٢) ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي ٻولين جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته اردو هڪ قومي ٻولي آهي، ان کي ڳالهائڻ وارا ڪافي ماڻهو موجود آهن.

۽ جيئن ته بغرض وضاحت ۽ گمانن کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري تصور ڪيو پيو وڃي ته سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع (ايڪٽ

# سنڌي ٻولي ـ تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو اپريل ـ جون 1994ع، شمارو 4. جلد ٻيو

هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن کان اڳ صرف خبرنامو ڇاپيو ويندو هو، ان ۾ تحقيقي مضمون نہ هوندا هئا. هن شماري کان هن پرچي کي تحقيقي رسالي واري حيثيت ڏني وئي آهي جا نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. هن پرچي ۾ ٻہ مضمون سنڌو لکت تي ڏنا ويا آهن، ان مناسبت سان ٽائيٽل پڻ ڏنو ويو آهي، جو نهايت دلڪش ۽ ديده زيب آهي. سنڌولکت ۾ پهريون مضمون سنڌ جي نامور عالم ۽ ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو عنوان آهي "سنڌو تهذيب" جي "سنڌولکت" جي پاڄ، بلوچ صاحب جوهيءَ مضمون نهايت ڪارائتو آهي. سنڌو لکت جي حل جي باري ۾ ويچار ڏنل آهن، سنڌو لکت جي پاڄ (حل) جي سلسلي ۾ اڳ ۾ بيان ڪيل Hypethesis مفروضن (هن اکر لاءِ بلوچ صاحب "پانيو" اصطلاح Tens ڪم آندو آهي، جيڪو ٺهڪي اچي ٿو) جو جائزو پڻ ورتو آهي، مضمون جي آخر ۾ ڪجهہ جوند لفظ ڏنا آهن جن جو تعلق فارسي، عربي، پالي، سنسڪرت يا تاريخي دور واري ڪنهن معلوم ٻولي سان آهي ۽ اڳاٽي وقت کان هن مهل تائين رائج آهن، سنڌن خيال آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪي "سنڌولکت" واري قديم سنڌ جي ٻوليءَ جا هجن.

ٻيو مضمون "سنڌي لکت جو اپناس" اراواٿام جو لکيل آهي ۽ عطا محمد ڀنڀري صاحب ترجمو ڪيو آهي. اراواٿام جنهن جو مڪمل نالو اراواٿام مهاديوان آهي ۽ هو مهاديوان جي نالي سان ئي گهڻو مشهور آهي، هن پنهنجو نظريو پيش ڪيو آهي، جنهن موجب سنڌو لکت جو تعلق ڪنهن اهڙي ٻوليءَ سان آهي جا دراوڙي نسل جي هئي، جنهن تي چوند هند آريائي ٻولين جا اپڏا اثرات ٿيا جو اُها ٻولي ئي صفحہ هستيءَ تان مٽجي وئي. هاڻ ان ٻوليءَ کي ڳولهڻ لاءِ دراوڙي ۽ هندآريائي ٻوليءَ جي تعلق جي بناوتي اپياس ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو. مضمون تمام طويل آهي، پر آهي دلچسپ، مضمون جي آخري "روزيٽا اسٽون" جو ذڪر ڪيو ويو آهي، روزيٽا اسٽون ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ هن ئي پرچي ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي :

"مصر جي فرعوني دور واري لکت جو مطالعو ان لکت واري ٻولي تائين ايستائين، پهچائي نہ سگهيو، جيستائين مخروطي آثارن مان "روسيٽا روهي" نہ لڌي، جنهن تي ساڳي عبارت "فرعوني لکت" سان گڏ هينان يوناني لکت ۾ پڻ اڪريل هئي!

روزيٽا اسٽون جنهن کي بلوچ صاحب "روسيٽا روهي" سڏيو آهي، 1799ع ۾ نيپولين جي سپاهين نيل دريا جي مغربي ڪناري وٽ روزيٽا نالي واري جاءِ تان لڌو هو. هن روهيءَ تي فونيشي زبان هيرو غلافي Heiroglyplies رسم الخط ۾ اڪريل هئي. ان سان گڏ Demotic ڊيموٽڪ رسم الخط ۽ يوناني رسم الخط ۾ پڻ ساڳيو متن اڪريل آهي، هن روهيءَ جي ليڪ بعد ئي فونيشي (فرعوني) تحريرون جيڪي هيرو غلافي لکت ۾ هيون پڙهيون ويون / پڙهجي سگهيون "روزيٽا اسٽون" مشهور ۽ معروف پٿر آهي، هن وقت، برٽش ميوزم ۾ رکيل آهي، ان جي باري ۾ ڪتابڙا پڻ برٽش ميوزم پاران ڇپرايل آهن.

ٽيون مضمون "استادن لاءِ هدايتون" مرحوم قادر داد افغان جو اڳ ڪتابڙي جي صورت ۾ هو. شامل آهي، هن مضمون ۾ سنڌي پهرئين درجي جي ٻارن کي پڙهائڻ جو طريقو استادن کي سمجهايو ويو آهي، پڙهائڻ جو هيءُ طريقو حالانڪ پراڻو ٿي چڪو آهي، پر تہ بہ هن ڪتاب ۾ ڪافي

# شاهه جو رسالو ۽ لغات لطيفي

## شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ

**مرزا قليچ بيگ وارو رسالو**

سنہ ١٩٠٠ع ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو، تہ مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط نسخن سان ڀيٽيو. عجب تہ اهو، جو ڪوبہ نسخو منڍ ڪان وٺي پڇاڙيءَ تائين هڪ ٻئي سان ملي نٿو اچي، هڪڙن نسخن ۾ هڪڙا بيت، تہ ٻين ۾ ڪي وچانئين ٻيا! ٽرمپ صاحب جي رسالي جي ڪنهن بيت ۾ بہ سٽون، تہ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۾ ٽي، بلڪ ڪٿي چار! مرزا صاحب محنت ڪري سيني نسخن وارا بيت هيڪاندا ڪيا، تہ پڙهندڙن کي اهي سڀ آسانيءَ سان هڪڙي ئي هنڌ ملن. انهيءَ مراد سان پاڻ وارو رسالو تيار ڪيائين، جو ١٩١٣ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مطلب تہ انهيءَ ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ ٽيرهن ورهيہ لڳي ويس، تہ بہ رسالي جي ڇپائيندڙن کان هڪ ٽامي جي پائي بہ ڪانہ ورتائين. هن مان پڙهندڙ سمجهي سگهندا، تہ هن صاحب بنهہ لاطمع ٿي، سنڌ جي هيءَ خذمت ڪئي. پنهنجي جوڙيل ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ۾ رسالي جي جدا جدا نسخن جو ذڪر ڪندي، لکيو هئائين تہ "صحيح ۽ سچو نسخو شاهہ جي رسالي جو اڃا بہ گهربل آهي. سگهوئي ڪنهن علم واري کي دل ۾ خيال پوندو، جو اهڙو ڪتاب ڇاپائي پڌرو ڪندو، تہ پڙهڻ وارا پڙهي، خوش ٿي، دعا خير جي ڪندا". پاڻ پنهنجي پڄنديءَ سارو اها محنت ڪري، دعا خير جي ڪٽي، راهہ رباني وٺي، هليو ويو، پر ڏالو اڃ تائين پيو ڳائجيس.

پيرومل مهرچند آڏواڻي: ماهوار سنڌو - جون ١٩٣٨ع

**١. شاهہ جو رسالو، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٩٣٦. قيمت: ١٠٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٥٠ روپيا اخباري ڪاغذ.**

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌي ٻوليءَ جو لاثاني شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ اهڙي تہ مٺيا رکيل آهي جو نہ صرف اسان سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن کي ان تي ناز آهي پر دنيا جي اعليٰ ۽ وسيع نظر عالمن ۽ محققن بہ شاهہ جي ڪلام کي "حقيقت جو ڪلام" ڪوٺيو آهي. شاهہ سائين جا هوتئن تہ ڪيترائي رسالا هن وقت بہ تيار ٿي رهيا آهن ۽ اڳ بہ تيار ٿيا، پر شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو رسالو وڏي تحقيق ۽ ڀيٽ کان پوءِ مرزا صاحب مرتب ڪري تيار ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪاڪي ڀيرومل ماهوار سنڌو جون ١٩٣٨ع ۾ لکيو آهي تہ "سنہ ١٩٠٠ ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو تہ مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط رسالن سان ڀيٽيو..... مرزا صاحب کي انهي ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ ٽيرهن ورهيہ لڳي ويا" ٽيرهن ورهين جي لاڳيتي محنت سان تيار ٿيل مرزا صاحب جو رسالو هن وقت ناياب هو، سواءِ ڪجهہ لائبررين جي اهو عام دستياب نہ هو. ان لاءِ هن اداري طرفان وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهہ جي هدايتن تي عمل ڪندي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" پاران هن رسالي کي تمام سستي اگهہ تي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي، جنهن سان نہ صرف عام پڙهندڙ لاڀ پرائيندا، پر هن مهانگي دور ۾ شاگرد بہ هن سستي ۽ سهڻي ڇاپي کي خريد ڪري سگهندا.

**٢. لغات لطيفي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٣٨٠، قيمت: ٥٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٢٥ روپيا اخباري ڪاغذ.**

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌي زبان، ادب ۽ سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي سا سون ۾ مڙهائڻ جهڙي آهي. مرزا صاحب هوندئن تہ هر موضوع تي ڪتاب لکيا، پر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سوانح، ڪلام، پيغام ۽ لغات تي جيڪو ڪم ڪيو، سو پڻ مثالي آهي. مرزا صاحب ڀهريون عالم آهي، جنهن شاهہ سائين جي رسالي جي هر هڪ شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي ۽ ان جو نالو "لغات لطيفي" رکيائين. "لغات لطيفي" جا ٻہ ايڊيشن اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا، پر هينئر اهو ڪتاب اڻ لڀ ٿي ويو هو. "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان جڏهن شاهہ جي رسالي جي ڇپائي لاءِ سنباها ڪيا ويا تہ، اهو پڻ ضروري سمجهيو ويو تہ مرزا صاحب جي تيار ڪيل" لغات لطيفي" پڻ شايع ڪئي رجي، اهوئي سبب آهي جو هيءَ لغات ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

# اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻي ١٧- آگسٽ ١٩٩٤ع اربع ڏينهن ڊاڪٽر نواز علي شوق جي صدارت هيٺ اداري جي آفيس ۾ ٿي، جنهن ۾ سيد علي مير شاهه صاحب، ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب، محترم علي مرتضيٰ ڌاريجي صاحب ۽ الهه بخش شاهه بخاري صاحب کان سواءِ اداري جي اشاعتي نگران امين لغاري پڻ شرڪت ڪئي.

تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شوق معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي سندن ٿورا مڃيا ۽ اداري پاران ڇپيل ڪتابن ۽ هلندڙ ڪم بابت ڄاڻ ڏني. اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شوق جي ذاتي گذارش تي هند ۽ سنڌ جي عالمن اديبن ويهه مسودا موڪليا هئا، جن ۾ محترم محمد حسين پنهور جو "آبپاشي جي تاريخ" رپورٽن جي ڪتاب" "مهراڻ آف سنڌ" جو سنڌي ترجمو، هيگ جو مشهور ڪتاب "سنڌو جو ڇوڙ وارو علائقو" گنگارام سمراٽ. ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ٻين عالمن اديبن جا مسودا ڇپائي لاءِ منظور ڪيا ويا. ان کان علاوه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر مير محمد شاهه، محترم علي احمد بروهي، ڊاڪٽر يعقوب مغل، محترم بدرالدين اڄڻ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر فهميده حسين، محترم هدايت پريم، ڊاڪٽر محمود علي شاهه، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، محترم عطا محمد ڀنڀرو، محترم غلام محمد لاکو، محترم محمد پنهل ڏهر، محترم شمشير الحيدري، محترم سليم خواجا، محترم امام راشدي ۽ ٻين اديبن کي ڪي تحقيقي ۽ ترجمي جا ڪم سونپيا ويا آهن.

ان کان سواءِ اداري پاران پيش ڪيل رٿائن خاص ڪري سنڌي ٻولي انسائيڪلوپيڊيا کي معزز ميمبرن ساراهيو ۽ ان تي جلد ڪم شروع ڪرڻ واسطي هڪ "سيل" جوڙڻ جي پڻ منظوري ڏني. "انسائيڪلوپيڊيا" جلد مڪمل ڪرڻ واسطي ان سيل جون ٽي شاخون تجويز ڪيون ويون. خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ڪراچي ۾ محترم علي احمد بروهي، هن ڪم جي نگراني ڪندا ۽ مختلف عالمن اديبن کان مواد تيار ڪرائي اداري کي موڪليندا. ان کان سواءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ جلد اهڙيون شاخون کوليون وينديون، هن کان سواءِ مرزا قليچ بيگ پراجيڪٽ، سنڌو لکت پراجيڪٽ، سنڌي - انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي ڊڪشنري پراجيڪٽ، سائنس پراجيڪٽ ۽ ٻاراڻي ادب واري پراجيڪٽ جي پڻ منظوري ڏني وئي.

سمورن ميمبرن هن وقت تائين ڪيل اشاعتي ڪم ۽ اداري جي ٻين پروگرامن جهڙوڪ: درسي ڪتابن کي درست ڪرڻ لاءِ محترم ابراهيم جويو صاحب جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽيءَ جو قيام، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي جي ٻوليءَ ۾ سڌاري آڻڻ ۽ مختلف شهرن ۾ سنڌي ٻولي سکيا واري پروگرامن جي واڪاڻ ڪئي ۽ هلندڙ ڪم تي اطمينان جو اظهار ڪيو. گڏجاڻي جي پڄاڻي چيئرمين صاحب جي شڪريه سان ٿي.

○

# سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلا اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ ”آءُ ڪنڊيارو مان پيو اچان“، يا ”آءُ مورو مان پيو اچان.“ شهر جو نالو ڪنڊيارو يا مورو ٿي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي ”آءُ ڪنڊياري يا، آءُ موري مان پيو اچان“ چئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا ”ڪلڪتي جا رها هون“ڪي ”ڪلڪتہ جا رها هون“ لکي رهيا آهن، پر اهو بہ غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لٿي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ ”جوٽيجي“ کي ”جوٽيجہ“ لکڻ، ”پٽي“ کي ”پٽہ“ لکڻ ۽ ”ذريعي“ کي ”ذريعہ“ لکڻ بہ غلط آهي.

**علامہ آءِ. آءِ. قاضي**

مهراڻ (۳) ۱۹۷۱ - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

شمارو - ۴
جلد - ۴

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

# سنڌي ٻولي

آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1994ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد- سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ۴
جلد - ۴

# سنڌي ٻولي

آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1994ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد- سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ تحقيق

گهڻي وقت کان ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي وئي ته سنڌي زبان ۾ اهڙي مخزن جاري ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم بابت تحقيقي مواد هجي. ان ضرورت کي آڏو رکندي هيءَ مخزن جاري ڪئي وئي آهي، جيڪا هن لحاظ کان منفرد آهي ته هن ۾ عام رسالن وانگر ڪهاڻيون، شاعريءَ، سياست ۽ فلمي دنيا نظر نه ايندي.

هيءَ هڪ اهڙو رسالو آهي. جيڪو صرف تحقيقي آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪيل تحقيق کي شايع ڪيو پيو وڃي. سنڌي ٻولي تي اڳ ٿيل تحقيق (لکت جي حوالي سان) گهڻو ڪري انگريزي ۾ آهي. جيڪا سنڌي عالمن توڙي شاگردن ۾ وڏيڪ تحقيق جو بنياد بڻجندي پئي رهي آهي. اسان اهو مواد سنڌي ۾ ڏيئي رهيا آهيون ته جيئن هن موضوع تي وڌيڪ تحقيق ٿي سگهي. اسان وٽ جتي ٻين علمن تي تحقيق ڪرڻ وارن جي اٿاٿ آهي اُتي سنڌي ٻولي تي تحقيق ڪرڻ وارا محقق آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا، اها حيرت جي ڳالهه به آهي ته ڏک جي به.

سنڌي ٻوليءَ تي جيتري ڏارين تحقيق ڪئي آهي، اُن جي اڌ جيتري به شايد اسان نه ڪري سگهيا آهيون.انسان فاني آهي. اسان جا اهي چند عالم به اسان کان هليا ويا ته پوءِ ٻوليءَ تي لکڻ وارا به ٻه چار وڃي رهندا.

هن معياري مخزن کي نڪتي نو مهينا اچي ٿيا آهن، پر هن وقت تائين سواءِ چند عالمن جي ٻيو ڪٿان به موٽ نه ملي آهي، جڏهن ته اداري طرفان هن سلسلي ۾ وقتا فوقتا لکڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. هڪ دفعو وري اسان پنهنجن عالمن، محققن ۽ دانشورن کي عرض ڪريون ٿا ته هن سهڻي ٻوليءَ تي تحقيق ڪري پنهنجا مضمون لکي موڪلين. ٻوليءَ جي حوالي سان نون سائنسي، سماجي ۽ اقتصادي موضوعن ۽ مختلف اصطلاحن تي ٿيل تحقيق پڻ شايع ڪئي ويندي. ان سان گڏوگڏ نون محققن کي پڻ دعوت ڏيون ٿا ته اهي پنهنجا مقالا ۽ مضمون اداري ڏانهن ڏياري موڪلين ته جيئن اهي سڌاري مخزن ۾ شايع ڪيا وڃن.

اسان پنهنجي سڄاڻ عالمن ۽ محققن کان اها اميد ٿا رکون ته هو هن سلسلي ۾ اسان جا پرجهلائو ٿيندا.

——— امين لغاري


سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت واحد معياري مخزن

ٽه ماهي

سنڌي ٻولي

جلد۴ شمارو۴ آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر ۱۹۹۴ع

نگران:

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" -چيئرمين

چيف ايڊيٽر

الهه بخش شاهه بخاري -سيڪريٽري

ايڊيٽر :

امين لغاري (اشاعتي نگران)

ٻانهن ٻيلي :

فيض محمد سڪندري پٽافي (ڪاتب)
محمد ابراهيم ڪنير

ڪمپوزنگ :

حسين احمد ميمڻ

پتو:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم -
نيشنل هاءِ وي حيدرآباد سنڌ .
فون : -652457 -650167

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

قيمت : 10 رپيا

موجوده فهرست ۾ صورتي اختلاف allographs واريون علامتي نشانيون نجين ۽ آجين independent علامتي نشانين ۾ شمار ڪيون ويون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ماڻهو هن فهرست کي ڪتب آڻڻ وقت ڪجهہ هبڪي پوئتي ڀرڪي وڃي ٿو. علامتي نشانين جي صورتي اختلاف کان سواءِ بہ هن فهرست ۾ ٻيون ڪي اوڻايون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڪي علامتي نشانيون مهرن ۾ تہ ڏسبيون، پر لئنگڊن Langdon جي ڏنل پنوتري (فهرست) ۾ ڪونہ ڏسبيون. ڪڏهن ورِي اهڙين علامتي نشانين جو خاڪو هڪ آجي، ۽ انجي علامتي نشاني جيان بہ ڏنو ويوَ آهي، جنهن جو مثال علامتي نشاني، 234 ۽ 240 آهي.

هنٽر Hunter جي ڏنل فهرست ۾ علامتي نشانين کي گڏ ڪري مُچلن ۾ ورهايو ويو آهي. ان فهرست ۾ علامتي نشانين جون بدليل شڪليون Variations ۽ اختلافي صورتن واريون علامتي نشانيون allographs پڻ شامل ڪيون ويون آهن. ان کان سواءِ جيئن اسان لئنگڊن جي فهرست ۾ ڏسون ٿا، تيئن هتي بہ اهي علامتي نشانيون مهرن ۾ تہ موجود آهن، پر فهرست ۾ شامل نہ آهن. ڏسڻ ۾ اهو ايندو تہ جيڪي علامتي نشانيون فهرست ۾ موجود آهن، تن کي نئين طرح شمار ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي شروعات دورن کان وٺي ڪئي وئي آهي.

(6) جنهن لڳاتار سلسلي ۾ علامتي نشانيون لکيون ويون آهن، پڙهڻ وقت بہ ان ساڳئي لڳاتار سلسلي کي قائم رکڻ گهرجي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو تہ پڙهڻ جي لڳاتار سلسلي ۾ جيڪي ڏکيائيون ۽ مسئلا آڏو ايندا، سي لکڻ واري لڳاتار سلسلي جي ڏکيائين ۽ مسئلن جي برابر ٿي اسان جي آڏو ايندا.

مهرن ۽ ٻين شين تي گهڻو ڪري اهڙي لکت نظر اچي ٿي، جنهن ۾ علامتي نشانيون ليٽيل سنوت واري هڪ سٽ ۾ لکيل آهن، مهرن ۾ ساهوارن جي تصويرن جي مٿان جيڪا لکت لکي وئي آهي، سا گهڻو ڪري هڪ سٽي آهي، پر ڪا لکت ٻہ سٽي بہ ڏسڻ ۾ ايندي، جهڙوڪ: ايم. آءِ - نمبر، 1، 12، 16، 52،99، 101، 135، 139، 209، 237، 247، 253، 278، 302، 321، 329، 340، 341، 355، 389، 396، 550. ايم ايچ نمبر 24، 83، 119، 228، 235، 246، 279، 312، 332، 336، 373، 398، 405، 430، 431، 456، 466، 471، 518، 519، 521، 548، 564، 577، 587، 598، 601، 611، 644، 667، 687، 689، 696، ڏاتوءَ جي پليٽ جدول XCIII -4 نمبر 12، 13، 16 20، ٽن سٽن واري ايم. آءِ. نمبر 63 ۽ 400.

(7) ڪن مهرن تي هڪ سٽي ڊگهي تحرير بہ ڏسڻ ۾ ايندي، منجهس علامتي نشانين جو جوڙجڪ ائين ڏسڻ ۾ ايندو جڻ ان تصوير واري جانور جي منڍيءَ کان ساڄي طرفان لکت شروع ٿئي ٿي ، جيڪا هلندي وڃي پڇ وٽ توڙ ڪري ٿي. اسان کي هڪ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻي پوندي تہ ڪيترين تصنيفن ۾ انهن مهرن ۽ ٺپن جون تصويرون ۽ وري تصويرن جون تصويرون ڇاپيون ويون آهن، پر مهرون ڪونہ ڏنيون ويون آهن. ڪاٻي پاسي جيڪي علامتي نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي پنهنجي اصلي شڪل ۾ آهن يعني مٿانئن ڪو دٻاءُ ڪونہ آهي. مثال طور: ايم. آءِ نمبر 100، علامتي نشاني دٻيل ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪا ساڄي طرف آهي. نمبر 233 (منجهس ساڄي پاسي ۾ علامتي نشانيون آهن، جنتي ٿورو دٻاءُ ڏسجي ٿو). نمبر 343 ۾ ساڄي پاسي هڪ علامتي نشاني آهي، جيڪا اِبي ورن ۾ لکيل ڏسبي. ايم. ايچ نمبر 68. هن ۾ ٽي علامتي نشانيون ساڄي پاسي ڏسبيون، جيڪي دٻيل ۽ سوڙهيون آهن. نمبر 325. هن ۾ ساڄي پاسي واريون علامتي نشايون ڪجهہ دٻيل ۽ سوڙهيون Compressed ڏسڻ ۾ ايندين، جيڪي هڪ ٻئي جي پرسان رکيل آهن. منجهانئن ساڄي پاسي واري ٽين علامتي نشاني ڪجهہ ننڍي ڏسجي ٿي. نمبر 111. هيءَ هڪ مثالي علامتي نشاني آهي، جيڪا گهڻو ڪري لکت جي هر سٽ ۾ ساڄي پاسي نظر ايندي آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ مهرن ۾ هيءَ علامتي نشاني پنهنجي منفرد حيثيت رکي ٿي. جهڙوڪ: ايم - ايچ 84، 588، 704 ۽ ايچ نمبر 298. جيڪي لکت جون سٽون مهر جي مُهڙ کي پوري ريت والاري ويندِيون آهن، انهن ۾

علامتي نشاني نمبر 111 بہ آهي. جيڪا ساڄي پاسي آهي، مُهر ۾ وٽي نہ هجڻ ڪري، ان کي اهڙيءَ ريت لکيو ويو آهي جو سندس شڪل ٿي بگڙجي وئي آهي ۽ واڌو جزو بہ ترڇو ڪري ڏنو ويو آهي. ايم-آءِ 306، ايم-ايڇ 308، 463 ۾ بہ ائين ڏسبو.

(8) ڪن مهرن ۾ وري اسان کي هيٺين نظر ايندو تہ پڇاڙيءَ واريون آخري علامتي نشانيون ساڄيءَ ستٽ ۾ لکيل ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندويون ۽ تصوير واري جانور جي پڇ پرسان هيٺ نظر ايندويون. ايم-آءِ نمبر 52. علامتي نشاني نمبر 87 جيڪا عام طور تي ساڄي پاسي پڇاڙي ۾ ڏسبي آهي، سا جڳهہ نہ هجڻ ڪري هيٺ لکي وئي آهي. آخري ٽن علامتي نشانين نمبر 8، 96. 87 ۾ هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪو پنهنجي شڪل صورت ۾ لڳاتار آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ جن مهرن ۾ جتي جڳهہ گهٽي هوندي تہ اتي لکت جي هڪ سٽ نظر ايندي، جنهن جو مثال ايم-آءِ. نمبر 222، 300، 433. ايم-ايڇ. نمبر 160، 263 وغيره آهي، مهر نمبر ايم-آءِ. 247 ۾ مٿينءَ سٽ جي ساڄي پاسي واري آخري علامتي نشاني (نمبر 118)، پنهنجي اصلي ماپ کان گهٽو ننڍي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ٻي سِٽ هن علامتي نشاني ۽ سندس پويان ايندڙ ٻن علامتي نشانين سان گڏجي ٺهجي ٿي، جيڪا ساڄي کان کاٻي Boustro phedon يعني پڇ کان مُنڍي ڏانهن لکيل ڏسبي ۽ علامتي نشاني نمبر 78 سان ختم ٿيندي نظر ايندي. ٻي مهر ايم-آءِ نمبر 139 ۾ لکيل آخري چار علامتي نشانيون نمبر 237، 119، 48 ۽ 87 گهٽي جڳهہ هجڻ ڪري هڪ سٽ ۾ لکيل آهن. تنهن هوندي بہ علامتي نشاني نمبر 119، جيڪا وڏيڪ ويڪري آهي، سا جڳهہ بچائڻ جي خيال کان اڀي لکي وئي آهي. علامتي نشاني 119 جي ناتي سان، ايم-آءِ نمبر 54 ۽ 201 کي 322 سان ۽ ايم ايڇ نمبر 159 ۽ 511 کي نمبر 680 سان ڀيٽائي ڏسندا، اهڙو مثال علامتي نشاني نمبر 30 جو بہ آهي، جيڪا گهٽو ڪري مهرن جي ساڄي پاسي نظر ايندي آهي، سا يا تہ ننڍي ٿيل ڏسبي يا وري هيٺينءَ سٽ ۾ لکيل هوندي آهي (ايم-آءِ نمبر 554 ۽ ايم ايڇ نمبر 373).

پنهي حالتن ۾ ٿيڻي علامتي نشانيون 30، 124 ـ29 175 آهن. جيڪڏهن جڳهہ گهٽي هوندي آهي تہ علامتي نشانين ۾ ساڳيو سلسلو هڪ سٽ ۾ لکيل نظر ايندو آهي (ايم-آءِ نمبر 387، 534). مهر ايم-ايڇ نمبر 660 ۾ هڪ سٽ وارو متن آهي، جيڪو علامتي نشاني نمبر 8، 96، 87 ۽ 30 سان ختم ٿئي ٿو. مهر ايم-ايڇ نمبر 312 ۾ بہ پڇاڙيءَ واريون ساڳيون علامتي نشانيون آهن. پر علامتي نشاني نمبر 30 کي جڳهہ نہ هجڻ ڪري ٻي سٽ ۾ لکيو ويو آهي. مهر ايم-آءِ نمبر 341 ۾ علامتي نشاني نمبر 3 کي ٻيءَ سٽ ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جو سبب پڻ ساڳيو آهي.

(9) هتي ڏنل حقيقتن مان ماٺهو سولائيءَ سان اهو نتيجو ڪڍي سگهندو تہ مهرن تي ٿيل لکت کاٻي کان ساڄي پاسي ۽ ٺپن جي تحرير ساڄي کان کاٻي آهي، يعني اها تصوير واري جانور جي مُنڍيءَ کان پڇ واري طرف ٿيل آهي. جڳهہ نہ هجڻ جي حالت ۾ ساڄي طرف واريون علامتي نشانيون سوڙهيون لکيل ڏسجن ٿيون، يا وري انهن کي ماڳهن لکيو ئي ٻيءَ سٽ ۾ ويو آهي. علامتي نشاني جي بگڙيل صورت يا سوڙهي لکت کاٻي پاسي ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي، معلوم ائين ٿيندو تہ اهي علامتي نشانيون خطاطي جي فن جي اصولن ۽ ضابطن (Calligraphically) موجب ڏاڍي چٽائي سان لکيل آهن. مُهرن ۾ اسان کي لنڊيون چهنبون نظر ايندويون ۽ خالي جڳهہ سٽ جي ساڄي پاسي ڏسبي. ٺپن ۾ وري اها وٿي کاٻي پاسي هوندي آهي، جهڙوڪ: ايم ايڇ نمبر 142، 153، 616، X.4-XCIII نمبر 10، 93. سنڌ سڀيتا جي مهرن جيان خروشتي لکت بہ کاٻي کان ساڄي آهي. ۽ رهيل خالي وٿي ساڄي پاسي کان ڏسبي آهي (پر ٺپن جي کاٻي طرف نظر ايندي)

(10) اهڙيءَ ريت ڪن خاص ڳالهين کان سواءِ (ڏسو ايم-ايڇ نمبر 8 ، 321، 512، 520 ۽ 651 ڪتابن ۾ مهرن بدران ٺپن جون تصويرون ڇاپيون ويون آهن ۽ مذڪوره ٺپا اسان کي ٽامي، عاج، مٽيءَ ۽ ٻين شين مان ٺهيل نظر ايندا، جن تي لکت ساڄي کان کاٻي طرف ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن تہ مهرن تي لکت کاٻي کان ساڄي پاسي ڏني

# سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون

هدايت پريم

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ هڪ ممتاز حيثيت رکي ٿي، ڪيترين ڳالهين ۾ ننڍي کنڊ جي ٻين پينر ٻولين سان ويجهڙائي به رکي ٿي ته ڪيترا اختلاف پڻ رکي ٿي. ڪيترن عالمن سنڌي ٻوليءَ کي آريائي خاندان مان ڄاڻايو آهي، جهڙوڪ اسٽئڪ، ٽرومپ، گريئرسن، ڀيرومل، قليچ بيگ، ڄيٺمل خوبچنداڻي وغيره، جڏهن ته ڪن سنڌي ٻوليءَ کي دراوڙي اصل نسل مان قرار ڏنو آهي، جهڙوڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا. سنڌي ٻوليءَ جون ڪي خاصيتون اهڙيون آهن جي پاڪ وهند جي ٻين ٻولين ۾ ڪونه آهن، اهڙين نرالين خاصيتن جي لساني ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي بيحد گهڻي اهميت آهي، سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿاهون ۽ اعليٰ مقام هئڻ جي دعويٰ لاءِ ڪي دليل ته هئڻ گهرجن. ساڳئي وقت سنڌي ٻولي جي اهڙين خوبين کي چٽائيءَ سان نروار ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ۽ اسڪالرن جي يڪراءِ پذيرائي به حاصل هئڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن جو عام طور تي ته بيان ٿيندو رهيو آهي. بهرحال هن ڏس ۾ جامع طور تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نرالين خاصيتن کي بيان ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪجي ٿي، سا هيءَ ته سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ ڪيترن ڏاهن، عالمن ۽ اسڪالرن سنڌيءَ ۾ پنهنجون لکڻيون پيش ڪيون آهن، ورهاڱي کان اڳ وارن عالمن خاص طور سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا. جڏهن ته لسانيات جي ڏس ۾ جديد تحقيق جي روشني ۾ گهڻيون ئي ڪاوشون آزاديءَ بعد سنڌ توڙي هند ۾ منظر عام تي آيون آهن، لسانيات جي ڪيتر ۾ سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ يونيورسٽي جا ٻه استاد برطانيا وڃي لسانيات جي جديد علم جي تربيت حاصل ڪري آيا، سي هئا: پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا. هن ٻنهي صاحبن موٽي اچي لسانيات تي ڪتاب لکي پڌرا ڪيا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جا اصطلاح گهڙيا، ۽ پنهنجي ڪتابن "علم لسان ۽ سنڌي زبان" ۽ "سنڌي صورتخطي" ۾ آخر ۾ فهرست Glossary طور شامل ڪيا آهن. مذڪوره ٻنهي فهرستن کي غور سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اهي اصطلاح صحيح معنيٰ ۽ مفهوم جو پورائو ڪن ٿا، ۽ پنهنجي جاءِ تي ٺڙ معلوم ٿين ٿا، جهڙوڪ صوتيو، صرفيو، سُر، وينجن، ڌوڪڻا آواز، چوسڻا آواز، وسرڳرائي وغيره. سنڌي گرامر قلمبند ڪرڻ دوران اڳوڻن عالمن عام طور فارسي ۽ عربي اصطلاح ڪم آندا آهن. جهڙوڪ اسم، ضمير، فعل، ظرف، حرف جر وغيره. ۽ Vowel ۽ Consonant لاءِ ترتيبوار حرف علت ۽ حرف صحيح جهڙا اصطلاح ڪم آندا آهن، جن جي جاءِ تي الانا صاحب ۽ جتوئي صاحب "سُر، ۽ وينجن" اصطلاح ڪم آندا آهن، اهڙا ٻيا به ڪيترائي نوان اصطلاح آهن، جيڪي لسانيات جي ڏس ۾ ڪم اچي رهيا آهن. هي اصطلاح نه صرف عربي ۽ فارسي ٻولين مان ورتل سليس ۽ سلوڻن لفظن تي مشتمل آهن، پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي لفظي ذخيري مان پڻ ڪنيا ۽ نج سنڌي اصل وارا اصطلاح به گهڙيا ويا آهن، منهنجي خيال ۾ اهڙن نون اصطلاحن کي پراڻن نج عربي فارسي اصطلاحن جي جاءِ تي ڪم آڻڻ گهرجي، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا ڪي شيدائي اڃا انهيءَ پراڻي راهه تي رمندي ڏڪيا ۽ عجيب غريب اصطلاح ڪم آڻي رهيا آهن. منهنجي دلي مُراد هيءَ آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪجهڙا اصطلاح ۽ اصطلاحي فقرا رائج هجن ته جيئن پڙهندڙن کي مونجهارو نه ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون ته تمام گهڻيون آهن، جن مان ڪن چند خاصيتن جو قدري تفصيلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

(١) سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا اچار آواز آهن جن جي اچار ڪرڻ ۾ هوا ڪي وات ۾ اندر ڇڪڻو پوي ٿو. انهيءَ ڪري،

# پهرين ڪلاس لاءِ لکيل سنڌي ٻاراڻي ڪتاب جي اصلاح بابت چند تجويزون

محمد پنهل ڏهر- ڏهرڪي

پرائمري تعليم، تدريس جي سلسلي ۾ ٻار لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي، تنهن ڪري پرائمري تعليم جي تدريس دوران استادن کي ٻار جي تدريسي تشڪيل ۾ وڌ کان وڌ ڌيان ڏيڻ گهرجي. جنهن ٻار پرائمري تعليم چڱي طرح حاصل ڪئي، سو بنا خوف خطري ۽ ڊپ ڊاءَ جي مٿين ڪلاسن ۾ هليو ويجي ٿو، ۽ دل لڳائي پنهنجي پڙهائي کي جاري رکي ٿو. جيڪڏهن ڪو ٻار پرائمري تعليم ۾ ڪمزور آهي، صرف استادن يا مائٽن جي مهرباني سان پرائمري پاس ڪري، مٿين ڪلاس ۾ هليو ويجي ٿو ته اهو اڳتي تعليم کي جاري رکي نه سگهندو، پڙهائي ۾ ڪمزور هئڻ سبب پڙهائيءَ ۾ سندس دل نه لڳندي، صرف مائٽن ۽ استادن جي ڊپ کان اسڪول پيو ويندو ۽ آخرڪار هڪ ڏينهن پنهنجي پڙهائي کي اڌ ۾ ڇڏي، ويجي ڪنهن ٻئي ڌنڌي سان لڳندو آهي.

موثر پرائمري تعليم جي تدريس جي سلسلي ۾ استادن جي ڪردار سان گڏ نصاب به اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، نصاب ٻارن جي ذهن ۽ سندن جي نفسيات مطابق هئڻ گهرجي. تنهن ڪري پرائمري جو نصاب ٺاهڻ وقت استادن جي هڪڙي ڪاميٽي تشڪيل ڏني وڃي ۽ ان ڪاميٽي ۾ اهڙن استادن کي شامل ڪيو وڃي، جيڪي پرائمري جي ٻارن کي پڙهائڻ ۾ وسيع تجربو رکندڙ هجن ۽ ٻارن جي نفسيات ۽ ذهن کان چڱيءَ طرح واقف هجن.

پرائمري تعليم کي موثر ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ اولين شرط هي آهي ته پرائمري جو شروعاتي ڪتاب يعني سنڌي ٻاراڻو ڪتاب. تنهن کي "سنڌي پرائيمر" پڻ سڏيو ويندو هو، سو بلڪل سولو، آسان عام فهم ۽ ننڍڙن ٻارڙن جي نفسيات ۽ ذهن مطابق هجي، ڇاڪاڻ ته ٻارڙن لاءِ هي پڙهائي جو ابتدائي بنيادي مرحلو آهي، اهو ڪتاب ٻار جي سڄي تدريس لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

هن وقت ابتدائي يا پرائمري تعليم جي شروعات دوران ابهم ۽ ننڍڙن ٻارڙن کي جيڪو "سنڌي ٻاراڻو ڪتاب" پهرئين ڪلاس لاءِ، پڙهايو ويجي ٿو، سو ٻارڙن جي ذهن ۽ نفسيات مطابق نه لکيو ويو آهي، ان کان سواءِ ان ۾ ڪجهه گهٽتايون ۽ اوڻايون آهن. هن مضمون ۾ اسان انهن گهٽتاين ۽ اوڻاين جي نشاندهي به ڪنداسين ته پنهنجي طرفان انهن گهٽتاين جي سد باب لاءِ چند واڌارا به پيش ڪنداسون ۽ انهن اوڻاين جي اصلاح لاءِ ڪي مشورا پڻ ڏينداسون ته جيئن اڳتي هلي "نصاب ڪاميٽي" موجوده ٻاراڻي ڪتاب جي انهن گهٽتاين ۽ اوڻاين کي ڌيان ۾ رکي اصلاح ڪري سگهي.

هن وقت اسان جي سامهون "سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو" جو ڇپايل "سنڌي ٻاراڻو ڪتاب" (پهرئين ڪلاس لاءِ، ڇاپو ٻيو مئي 1990ع) موجود آهي.

(١) هن ٻاراڻي ڪتاب جي شروعات ۾ صفحي ٢ کان ٦ تي سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ جي ٻاونجاهه نشانين يا اکرن (الف ب) جي رنگين تصويري تختي ڏنل آهي، اها تختي ٻار کي شروعات ۾ پڙهائي وڃي ٿي. انهي تختي جي پڙهائڻ وقت استاد ٻارن جو ڌيان اکرن ڏانهن گهٽ ۽ تصويرن ڏانهن زياده ڏياري ٿو ته جيئن ٻار دلچسپي سان سبق پڙهن، ڇاڪاڻ ته ننڍڙا ٻار شڪلين يا تصويرن ۾ زياده دلچسپي وٺن ٿا، يعني "الف" کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ استاد ٻار کي "الف" "اک" پڙهائي ٿو ۽ ٻار کي "اک" جي تصوير ڏيکاري ٿو ۽ مذڪوره تختي ۾ ڇاپيل "اک" ۽ تصوير ڏيکاري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو انهي رنگين تختي پڙهڻ بعد ٻارن کي اکرن جي ڄاڻ يا سڃاڻ ته قدري گهٽ هوندي آهي، پر تنهن هوندي به شڪلين ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري انهن کي اهي ٻاونجاهه نشانيون يا اکر بلڪل چڱي طرح ياد ۽ ذهن نشين ٿي وڃن ٿا ۽ ٻار ڪتاب ۾ ڏسڻ ڪانسواءِ اهي ٻاونجاهه اکر هڪدم ٻڌائي وڃن ٿا.

(٢) الف ب جي رنگين تصويري تختي کان پوءِ صفحي ٦ تي سنڌي الف ب جي اکرن يا نشانين جي مڪمل ۽

# شروعاتي ڪلاسن ڪي گرامر پڙهائڻ ۾ تڪليفون

انتظار چلگري

ماهرن جو چوڻ آهي تہ ٻولي آوازن جي علامتن جو هڪ اهڙو سلسلو آهي، جنهن ذريعي هڪ ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان کي پنهنجو مقصد صحيح سمجهائي سگهي ٿو. هر سماجي گروهہ کي پنهنجي پنهنجي ٻولي ٿئي ٿي. ٻولين جي سڌريل ۽ معياري هئڻ جي ٻين نشانين مان هڪ نشاني ان ٻولي کي پنهنجو گرامر هجڻ بہ آهي. گرامر ٻوليءَ جي قاعدن ۽ قانونن کي چئبو آهي. جيڪو اسان کي سيکاري ٿو تہ ٻولي لکجي ڪيئن ۽ ڪيئن لفظ ۽ جملا جوڙجن. سنڌي ٻوليءَ جو دنيا جي قديم ترين ۽ سڌريل ٻولين ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ سنڌي ٻولي کي پنهنجو صرف وَنحو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جوڙڻ واري تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون گرامر هڪ جرمن اسڪالر ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ لکيو. انهيءَ کان پوءِ مختلف عالمن گرامر تي قلم کنيو آهي.

حقيقت ۾ جيتري سنڌي ٻولي شاهوڪار ۽ قديم آهي اوترو گرامر تي ڪم نہ ٿيو آهي. هن مهل تائين اسان وٽ سواءِ هڪ اڌ ليکڪن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي گرامر جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو مواد تمام گهٽ آهي ۽ جي آهي تہ بہ غير معياري ۽ غير مستند يا ان جي تشريح ايتري تہ مبهم ۽ غير واضح ڪئي وئي آهي، جو گرامر هڪ بور ۽ خشڪ مضمون طور سڃاتو وڃي ٿو. جڏهن تہ گرامر هڪ وڻندڙ، دلچسپ ۽ انتهائي معلوماتي مضمون آهي.

سڀ کان پهريائين تہ گرامر جو نصاب يا نصابي ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پاران تسليم شده صورت ۾ موجود ڪونهي. انهيءَ ڪري هر ليکڪ خود رو گرامر جو نصاب مختلف ڪلاسن لاءِ مختلف نمونين طئي ڪيو آهي. ڪنهن ليکڪ اٺ لفظ ڏنا آهن تہ ڪنهن وري لفظن جا قسم ڏنا آهن تہ ڪنهن وري زمان ۽ ان جا قسم ڏنا آهن تہ ڪنهن وري جملن جي قسمن کي گرامر جي نصاب ۾ شامل ڪيو آهي. اهڙي ڪچڙي واري نصاب ۾ خود استاد مونجهاري جو شڪار آهي تہ نصاب ڪيترو مقرر ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان پهريائين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ گرامر جو نصاب طئي ڪري. پرائمري اسڪولن ۾ گرامر جي شروعات "اکر" کان ٿيندي آهي، پر ان اکر جي تشريح ٺيڪ ٿي ناهي. رڳو اکر جي سڃاڻ ڪرائي وئي آهي، يعني "الف - بي" جي ٻاونجاهہ اکرن مان هرهڪ کي اکر چئبو آهي. اها تہ ٿي اکر جي سڃاڻ جڏهن تہ اکر جي تشريح يا وصف اها ٿيڻ گهرجي تہ اهو سادي ۾ سادو يا ننڍي ۾ ننڍو آواز، جيڪو ٽڙي مان نڪري ان کي اکر چئبو آهي". سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾ جيڪي ڳالهائڻ جا اٺ لفظ ڏنا ويا آهن، انهن مان حرف جر ۽ ظرف جي تشريح ايتري تہ خشڪ، غير واضح ۽ مبهم آهي، جو شاگرد کي انهن ٻنهي لفظن جي تشريح سمجهہ ۾ تمام مشڪل سان ايندي آهي. حرف جر جي تشريح هڪڙي ڪتاب ۾ هيئن ڏنل آهي: "اهو لفظ جيڪو اڳئين ۽ پوئين لفظ کي ملائي ۽ جملي جو ٺيڪ مطلب ظاهر ڪري ان کي حرف جر چئبو آهي." ٻئي ڪتاب ۾ وري حرف جر جي تشريح هيئن ٿيل آهي. اهو لفظ جيڪو اسم ۽ ضمير جي پٺيان اچي ۽ جملي جو ٺيڪ مطلب ظاهر ڪري ان کي حرف جر چئبو آهي." هاڻ جيڪڏهن اسان ٻنهي تشريحن تي ويچار ڪنداسين تہ ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق نظر ايندو. پهرين تشريح تہ حرف جملي جي تشريح سان مشابهت رکندڙ آهي. جڏهن ٻئي نمبر تي ڏنل تشريح متعلق هي سوال اڀري ٿو تہ ڇا هر اهو لفظ، جيڪو اسم يا ضمير پٺيان اچي اهو حرف جر ٿي سگهي ٿو؟ اهڙي طرح سان حرف جر جي تشريح نہ فقط مڪمل ۽ واضح ناهي، پر منجهائيندڙ پڻ آهي. جيتري قدر ظرف جو تعلق آهي تہ ان جي پهرين حصي واري تشريح غير واضح آهي، يعني ظرف جو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف سان لڳڻ" ظرف جي تشريح مختلف ڪتابن ۾ هيٺين ريت ڏنل آهي:"اهو لفظ جيڪو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف سان لڳي ۽ ان مان هاڪار، ناڪار، ريت، قدر، وقت ۽ جاءِ جي معنيٰ ڏيکاري". هاڻ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ شاگرد ڪيئن سمجهي تہ ظرف، صفت فعل ۽ ٻئي ظرف سان ڪيئن لڳندو آهي. انهن جي لاڳاپي جو مفهوم پڻ جلدي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ آهي. آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ ظرف جي تشريح هيئن هئڻ گهرجي.

"اهو لفظ جيڪو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف جي معنيٰ ۾ اضافو ڪري ۽ ان مان جاءِ وقت، ريت، قدر، هاڪار ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري ان کي ظرف چئبو آهي".

مثال نمبر: 1-انب مٺو آهي. انب تمام مٺو آهي.

پهرين جملي ۾ مٺو صفت آهي ۽ ٻئي جملي ۾ تمام ظرف آهي، جيڪو صفت "مٺو" جي معنيٰ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ٿو.

مثال نمبر 2.- گهوڙو ڊوڙي ٿو. گهوڙو تيز ڊوڙي ٿو.

ٻئي جملي ۾ لفظ "تيز" فعل "ڊوڙي ٿو" جي معنيٰ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ان کي واضح ڪري ٿو.

مثال نمبر: 3 - هي رقم ٿوري آهي. هي رقم بلڪل ٿوري آهي.

هن جملي ۾ "بلڪل" ۽ "ٿوري" ٻئي ظرف آهن. هن ۾ هڪ ظرف ٻئي ظرف جي مفهوم کي بلڪل واضح ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته ظرف صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف جي معنيٰ يامفهوم ۾ اضافو آڻي ٿو يا وڌيڪ واضح ڪري ٿو.

ظرف جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو مونجهارو به آهي، ته ظرف جو قدر ۽ صفت جو مقدار پاڻ ۾ تمام گهڻي ويجهڙائپ رکن ٿا. انهي ڪري ڪڏهن ساڳيا لفظ ظرف به هوندا آهن ته صفت به.

مثلا: هي پيسا ٿورا آهن.

هن جملي ۾ لفظ "ٿورو" انداز يا مقدار به ڏيکاري ٿو ته قدر به ڏيکاري ٿو. انهيءَ ڪري مونجهارو ٿئي ٿو، خاص ڪري جڏهن جملي جي ترڪيب ڪجي ٿي ته ان ۾ اهڙن لفظن کي صفت ڏيکارجي يا ظرف ڏيکارجي.

اڄ به اسان وٽ پهرين ڪلاس ۾ عربي جي تنوين واري هِجي توڙي لفظن جي صورتخطي مروج آهي جهڙوڪ: آءٌ ۽ ۾ تقريبا مٿين لفظن ۾ ترتيبوار ٻه پيش، ٻه زير ۽ ٻه زبر ڏنل آهن، جيڪي سنڌي ٻولي توڙي ٻاراڻي ڪتاب جي ڏهن آوازن واري تختي ۾ ڪٿي به آيل ڪونهن، جنهن ڪري ٻار مونجهاري جو شڪار ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري تنوين واري هِجي ختم ڪري انهن لفظن جي صورتخطي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي آوازن واري پٽي جي روشني ۾ جوڙي وڃي. جيئن سائين جي پهرياڻين صورتخطي "ساءِ" سان هوندي هئي. هينئر "ئين" سان جوڙي وئي آهي. اهڙي طرح "ءِ" - "ءِ" ۽ ٻين اهڙن لفظن جي شڪل جي تبديلي جو سوچيو وڃي. سنڌي ٻولي ۾ لفظن جي جوڙ يا هجي ۾ حرف ساڪن يا غير متحرڪ اکر جو تصور ڪونهي. جنهن ڪري اهڙن لفظن جي جوڙ ۾ آواز جي ادائگي درست نه ٿي سگهي. جهڙوڪ "گوشت" يا "دوست". اهڙا هيڪاندي مشڪل صورتحال تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اهڙن لفظن تي ڪاٻه اعراب ڪانهي يا ٻنهي ۽ مرڪب اکرن جو تعارف پڻ شروعاتي ڪلاسن ۾ هڪ مسئلو آهي.

مٿين مختصر بحث جي روشني ۾ مان هيٺيون تجويزون پيش ڪريان ٿو.

1. گرامر جو نصاب بورڊ طرفان درجيوار تيار ڪرايو وڃي.
2. بورڊ اهڙي نصاب جي تياري سان گڏوگڏ درسي ڪتابن وانگر ڇپائيءَ جو ڪم به سرانجام ڏئي.
3. بازاري ۽ غيرمعياري گرامر جي ڪتابڇن تي بندش وڌي وڃي.
4. حرف جر ۽ ظرف جي تشريح تي نئين سر غور ڪري وڌيڪ جامع ۽ جاندار وصف جوڙي وڃي.
5. الف - ب جي لپي جي ڪجهه اکرن خاص ڪري مرڪب اکرن جي شڪل تبديل ڪئي وڃي.


## اداري جي ڪتابن جي خريداري بابت عام اطلاع

اداري جا ڪتاب اداري جي مرڪزي آفيس مان خريد ڪندڙن کي هيٺين طرح رعايتون ڏنيون وينديون:

(1) استادن ۽ شاگردن کي 20 % سيڪڙو خاص ڇوٽ ڏني ويندي.

(2) ملڪ اندر سرڪاري ڪتب خانن ۽ ادارن کي 15 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي.

(3) ڪتب فروشن يا ٻين اهڙن خريدارن کي 33 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي، جيڪي هڪ جلد جون گهٽ ۾ گهٽ 10 ڪاپيون بروقت خريد ڪندا.

(4) ڏهن هزارن جا ڪتاب خريد ڪرڻ تي 50 % سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.

(5) ڪنهن به اداري طرفان گهڻن ڪتابن گهرائڻ تي ڪتاب بئنڪ ٻلٽي ذريعي موڪليا ويندا، پر جيڪڏهن ڪتابن جو ملهه گهڻو نه هوندو ته، وي- پي ذريعي موڪليا ويندا ۽ وي- پي خرچ خريدار کي ڀرڻو پوندو.

ڪتاب هيٺين پتي تي خريد ڪري سگهجن ٿا:

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

نزد سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي

حيدرآباد، سنڌ

# (هڪ يادگار تقرير)

" ..... سنڌي هڪ قديم زبان آهي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سر چارلس نيپئر چيو هو تہ زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي، جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽي ۾ بہ سنڌي پڙهائي ويندي هئي ۽ 1958ع تائين اها سرڪاري زبان هئي، جنهن ڪان پوءِ مارشل لا وارن زباني حڪم جاري ڪري ان تي بندش وجهي ڇڏي هئي. سنڌ اسيمبليءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مان نٿو چاهيان تہ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبہ خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن، مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نہ ئي وري سنڌن زبان يا ثقافت کي تباهہ ڪرڻ گهران ٿو ....."

ذوالفقار علي ڀٽو
اسلام آباد ۾ پاڪستان جي
قومي اسيمبليءَ کي خطاب
(15 - جولاءِ 1972ع)

## سنڌي ٻولي

سنڌي کي زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو، حضرت شاهہ لطيف جو ڪلام سنڌي ۾ آهي. شاهہ جي ڪلام کي زنده رکڻ بہ ضروري آهي. اسان وٽ شاهہ جي ڪلام ڪانسواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهہ لطيف کي ڇڏي ڏنوسون، ۽ اها اسان جي سڀ ڪان وڏي بدقسمتي ٿيندي ....

"...... مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر 'گوئٽي' کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان. حالانڪ باقي سڀ علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ بہ موجود آهن ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي...

"... عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ ٻيءَ زبان ۾ ان جو ترجمو ايڏو اونهو، جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، پر هن ڪوشش ۾ سراسر ناڪام ويو. ڇاڪاڻ جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي. انهيءَ ڪري، جهڙيءَ طرح

قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي...

"...' سنڌي زبان' هڪ موسيقيءَ واري (Musical Language) زبان آهي، ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر، جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي سِٽ سِٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

"ٻوليون چند سالن ۾ نه، پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي؛ گرامر پوءِ ٺهي ٿو، ٻولي پهريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ ٻه صديون اڳ جي پيداوار آهي. ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشو ونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي، اهي ٻوليون ائين گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وڻندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجود انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس جرمن ٻوليءَ وانگر، سُر- تال تي ايرڻ نه ڏنائون."

علامه آءِ. آءِ. قاضي

# انسائيڪلوپيڊيا بابت گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌ بابت هڪ جامع انسائيڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ واسطي هڪ گڏجاڻي 26 آڪٽوبر 1994ع اربع ڏينهن اداري جي آفيس ۾ ٿي. گڏجاڻيءَ جي صدارت اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي، هن گڏجاڻي ۾ هيٺين ميمبر صاحبن شرڪت ڪئي؛

1. ڊاڪٽر نواز علي شوق، چيئرمين
2. ڊاڪٽر تنوير عباسي - ڊائريڪٽر، خيرپور ميرس سيل
3. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي - ڊائريڪٽر، لاڙڪاڻو سيل
4. پروفيسر علي مرتضيٰ ڏاريجو - ڊائريڪٽر سائنس، سيل
5. الهه بخش شاهه بخاري صاحب - سيڪريٽري
6. امين لغاري - اشاعتي نگران

گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي، شاهه سائينءَ جي دعائي بيت سان شروع ٿي. ڊاڪٽر نواز علي شوق معزز مهمانن جي آجيان ڪندي سندن گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ تي ٿورا مڃيا. سڀ کان پهرين ان ڳالهه تي ويچار ڪيو ويو ته جنرل انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪئي وڃي يا فقط سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ گهرجي. سڀني معزز ميمبرن جي اها راءِ هئي ته في الحال فقط سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪئي وڃي. ان کان پوءِ جنرل انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ چيئرمين اداري جي محترم ميمبر

۽ خيرپور ميرس سيل جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي سندس طرفان سنڌ بابت تيار ڪرايل انسائيڪلوپيڊيا جو خاڪو پڙهڻ جي دعوت ڏني. هن صاحب خيرپور سيل پاران تيار ڪرايل خاڪو پڙهي ٻڌايو. گڏجاڻيءَ ۾ ان ڳالهه تي پڻ ڏک جو اظهار ڪيو ويو تہ انسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا يا ٻين ان قسم جي ڪتابن ۾ سنڌ بابت جيڪو اڳي ٿورو مواد هو، سو ڪڍي ڇڏيو آهي. چيئرمين صاحب کي گهرجي تہ ان بابت انهن کي لکن. ان کان پوءِ انسائيڪلوپيڊيا خاڪي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.

موضوعن جي ترتيب ۽ جوڙجڪ کان پوءِ غور ڪيو ويو تہ مختلف موضوع ماهرن کي ورهائي ڏجن. ان بعد هر هڪ موضوع پڙهي، ان مطابق ماهر چونڊيا ويا، جن کي گذارش ڪئي ويندي تہ هو هن اهم ڪم ۾ هٿ ونڊائين. ماهرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. جاگرافي: جناب ظفرحسن ۽ جناب مشتاق صاحب
2. وڻ ٻوٽا وغيره: ڊاڪٽرشمس الدين تنيو
3. آرڪيالاجي: جناب ڪليم لاشاري، تاج صحرائي صاحب، ۽ جناب بدر ابڙو. جناب ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب، ڊاڪٽر نيلوفر شيخ کي خط لکندو تہ ڊاڪٽر صاحبہ هن سلسلي ۾ ڪهڙو ڪم پنهنجي حوالي ڪرڻ گهرن ٿيون، تہ پوءِ ٻيو ڪم ٻين ماهرن جي حوالي ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل کان پڻ مدد ورتي ويندي.
4. تاريخ : جناب نياز همايوني، جناب عطا محمد ڀنڀرو، جناب محمد حسين پنهور، جناب غلام محمد لاکو ۽ جناب ممتاز بخاري.
5. سماجيات : محترمہ تنوير جوڻيجو، لعل محمد جسڪاڻي، نجمہ نور ۽ شوڪت نوناري.
6. تعليم: جناب حبيب الله صديقي ۽ غلام حسين رنگريز.
7. جيالاجي: ڊاڪٽر رئيس، سيد عباس علي شاهہ ۽ پروفيسر عبدالرئوف صاحب.
8. ٻولي : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب سراج الحق ميمڻ، جناب محمد ابراهيم جويو، جناب هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر حيدر سنڌي.
9. ادب : (شاهہ- سچل - سامي) محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ ڊاڪٽرتنوير عباسي.
10. ڪلهوڙن جو دور. ڊاڪٽرميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ممتاز بخاري صاحب ۽ قريشي حامد علي خانائي
11. انگريزن جو دور - ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، بشير احمد هيسباڻي ۽ تاج جويو صاحب.
12. موجوده دور: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، انور فگار هڪڙو صاحب، ممتاز بخاري صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو.
13. لوڪ ادب : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ شيخ محمد اسماعيل صاحب
14. ٻاراڻو ادب: ادل سومرو صاحب، مختيار صاحب ملڪ ۽ تاج جويو صاحب
15. مذهبي ادب : مولانا محمد حسين شاهہ سجاولي، ڊاڪٽر محمد اشرف سمون ۽ عبدالرسول قادري صاحب
16. عربي ادب : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، حافظ ارشد انڍڙ، جناب امين الله علوي، غلام حسين سچاروي صاحب ۽ غلام مصطفيٰ دادوي صاحب
17. فارسي ادب : ڊاڪٽرگل حسن لغاري ۽ نياز همايوني صاحب
18. انگريزي ادب : امينا خميساڻي صاحبہ، جناب بدرالدين اجڻ ۽ جناب عبدالقادر منگي.
19. هندي ادب : ولي رام ولڀ صاحب.
20. سرائڪي ادب : جاويد چانڊيو صاحب، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ۽ ڊاڪٽر گل حسن لغاري صاحب
21. گجراتي ۽ ميمڻي ادب : جناب يحيٰ باواڻي.
22. اردو ادب : جناب حمايت علي شاعر، ڊاڪٽر الياس عشقي ۽ محترمہ زهره ڪاظمي.

# تبصرو

## ”سنڌي ٻولي“ تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو
جولاءِ – سيپٽمبر ١٩٩٤ع

**هدايت پريم**

”سنڌي ٻولي تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو“ جي جولاءِ – سيپٽمبر 1994ع واري پرچي ۾ چار مضمون شايع ڪيا ويا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو حال احوال، تبصرو ۽ خط وغيره پڻ ڏنا ويا آهن. سر ورق تي سليٽ ڇاپيل آهي، جنهن تي سنڌي الف – بي لکيل آهي. هيءُ پرچو بہ گذريل پرچي جيان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ لکيل عمده مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل آهي. اداري پاران هيءُ رسالو شايع ڪرڻ تحسين لائق ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي بنيادي مقصدن مان هڪ مقصد هيءُ بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪري ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪيا وڃن.

پرچي ۾ پهريون مضمون جي ايم پانڊي جو آهي.“ موهن جي دڙي مان لڌل ٺامي-واري ٺڪين تي لکت“، جنهن جو ترجمو محترم عطا محمد ڀنڀرو ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌو لکت کي مقبول عام ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون شروع ڪيون آهن، هيءُ مضمون ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. سنڌو لکت ڏانهن سنڌ جي عوام جو ڌيان ڇڪائڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ اسان جو علمي ذخيرو آهي، پر اها اسان جي بدقسمتي آهي تہ اسين ان کي پڙهي نٿا سگهون. سنڌو لکت جا گهڻي کان گهڻا نمونا اڇي رنگ جي مهرن تي اڪريل آهن، پر ڪي ٺامي جي ٺڪين تي پڻ مليا آهن، انهن جي باري ۾ جي ايم پانڊي جو مضمون چڱي معلومات مهيا ڪري ٿو. جناب عطا محمد ڀنڀري صاحب هن مضمون جو ترجمو سٺو ڪيو آهي. ڀنڀري صاحب جون ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. جيئن تہ هيءُ مضمون ابتدائي ڇنڊ ڇاڻ آهي، تنهنڪري ٺامي جي ٺڪين تي اڪريل لکتن ۽ تصويرن جي باري ۾ معلومات ڏنل آهي ۽ ڪابہ تحقيق ڪيل نہ آهي. حالانڪ نتيجا جي سري هيٺ لکيل آهي تہ، هن مقالي ۾ مون سنڌو لکت واري پرولي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هونئن تہ ٻين ڪيترن سڄيت ۽ سڄاڻ عالمن هن منجهيل مامري تي پنهنجي پنهنجي سوچ ويچار مطابق ٽيڪا ٽپڻي ۽ ڇنڊ ڇاڻ ضرور ڪئي آهي، پر پرجهہ ۽ پروڙ مان جوڳا جتن ڪونہ ڪيا آهن.

هن پرچي ۾ ٻيو مضمون ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جو آهي. ”لاڙي محاورو – هڪ جائزو“. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي مختلف جاگرافيائي لحاظ کان لهجن ۽ محاورن تي ڪتاب شايع ڪرايا پيا وڃن. هن سلسلي ۾ پنج ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن. لاڙي محاورو بہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ نهايت ئي اهم محاورو آهي، ان تي بہ تفصيلي طور ۽ ڪتابي صورت ۾ ڊاڪٽر صاحب کي لکڻ گهرجي هاٽا مختصر مضمون هن ضرورت جو پورائو ڪونہ ٿو ڪري. ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جو مضمون مختصر ۽ جامع آهي. لاڙي محاوري جي باري ۾ بنيادي معلومات مهيا ڪري ٿو. جنهن ۾ لاڙي محاوري جي لفظي ذخيري مان نموني طور ڪي لفظ پڻ ڏنا ويا آهن. هنن لفظن مان ڪي چند اهڙا بہ آهن جيڪي اتر سنڌ ۾ بہ رائج آهن، مثلاً: بائٽ، بان، ٻوڏ، پاڇاٽو وغيره.“ ٻوڏ“ لفظ اتر ۾ بلڪل عام جام استعمال ڪيو ويندو آهي.

هن پرچي جو ٽيون مضمون علي احمد بروهيءَ جو آهي ”اخبارن جي ٻوليءَ تي هڪ سرسري نظر“ بروهي صاحب ٻوليءَ جي غلط استعمال ڏانهن جوڳو ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪو بلڪل مناسب آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي گهرجي تہ هن ڏس ۾ جامع ڪم ڪري عام ماڻهن کي ۽ اخبارن ۽ ٻين اشاعتي ادارن جي رهنمائي ڪري.

”سنڌي سيکارڻ ۾ ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت“ عنوان تحت وفا منظور علي چوهاڻ جو مضمون هڪ اعليٰ مضمون آهي. هن صاحب ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت تي سٺي روشني وڌي آهي ۽ ڏاڍيون سٺيون صلاحون پڻ ڏنيون آهن. وفا منظور صاحب صفحي ١٧ تي لکيو آهي تہ ”الف – اک، ب – ٻدڪ، ٻ – ٻڪ واري رنگين تختي پڙهڻ ۾ ٻار بيشڪ ڪابہ دقت محسوس نہ ٿا ڪن. عام طور سيني اسڪولن ۾ اها پٽي پڙهائي وڃي ٿي، مگر ڪن ادارن جي اسڪولن ۾ اها پٽي هن نموني بہ پڙهائي ويندي آهي. الف – انب، ب – ٻلا، ٻ – ٻڪري، ڀ – ڀولڙو“. آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ اسڪول ۾ هاڻي الف – انب، ب – ٻلا ڪونہ ٿو پڙهايو وڃي. نئين الف بي ۾ ڪوشش ڪري اهڙا لفظ چونڊي ڏنا ويا آهن جن کان ننڍڙو ٻار واقف آهي. ب ٻلا جهڙو ڪوبہ لفظ شامل نہ آهي.

هن پرچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ صوبائي اسيمبلي جو نوٽيفڪيشن ۽ قانون کاتي جو نوٽيفڪيشن – خط ۽ اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻيءَ جا فيصلا پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان
## معياري سنڌي ڪتابن لاءِ
## هڪ لک ڏهن هزار روپين جا انعام

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان نثر ۽ نظم جي لائق مصنفن کي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت خاطر هڪ لک روپين جا انعام هيٺين وضاحتن مطابق ڏنا ويندا:

١- هر معياري ڪتاب انعام لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو.

٢- ترجيحي طور تي انهن ڪتابن کي انعام لاءِ چونڊيو ويندو، جن ۾:

(الف) علمي، ادبي، تعليمي، لساني، لغوي، نحوي، فني ۽ سائنسي موضوعن تي معياري مواد پيش ڪيل هوندو.

(ب) معياري سنڌي ٻولي استعمال ٿيل هوندي.

٣- ڇهه ڪليل انعام: پهريون پنجويهه هزار روپيا، ٻيو ويهه هزار روپيا، ٽيون پندرهن هزار روپيا ٽي انعام ڏهن ڏهن هزارن جا هوندا.

۴- ٻارن جي ادب سان تعلق رکندڙ ڪتاب لاءِ خاص ٻه انعام ڏهن ڏهن هزار روپين جا هوندا.

۵- مصنفن طرفان پنهنجي ڪتابن جي لاءِ خواهش جو اظهار سادي پني تي صاف نالي ۽ پتي لکڻ سان ٿي سگهندو، ان سان گڏ ڇهه ڪتاب پڻ موڪليا ويندا.

٦- 3 مئي 1995ع تائين آخري طور انعام لاءِ خواهش جو اظهار اداري جي سيڪريٽري کي هيٺ ڏنل پتي تي لکت ۾ ڪري، ڪتاب ڏيئي رسيد وٺي سگهجي ٿي.

- انعامي مقابلي ۾ ڊسمبر 1992ع کان وٺي ڊسمبر 1993ع تائين ۽ جنوري 1993ع کان ڊسمبر 1994ع تائين جا ڇپيل ڪتاب پيش ڪري سگهجن ٿا.

- مٿين رقم هر سال لاءِ الڳ مقرر ڪيل آهي.

- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو مٿين وضاحتن ۾ ڪنهن به وقت ضروري ترميم ڪري سگهي ٿو.

سيڪريٽري
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد سنڌ

# پڙهندڙ نَسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيت، بيت، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ماڻهن جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“. ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)